ٽلسي صاحب

هاٿرس جا

پرم سنت

راڌا سوامي ستسنگ، بياس

Scanned with CamScanner

تلسي صاحب

هاٿرس جا

پرم سنت

فقير طارق حيات

سکر، ١٠ 10/13

راڌا سوامي ستسنگ، بياس

ضلعو امرتسر، پنجاب

Scanned with CamScanner

پورب جا سنت

ڇپائيندڙ:-
ايس. ايل. سونڌي
سيڪريٽري
راڌا سوامي ستسنگ، بياس
ڊيرا بابا جئمل سنگهه
ضلع امرتسر (پنجاب)

پهريون ڇاپو، مارچ ١٩٨١ ڪاپيون ٧٠٠٠

ڇپيندڙ:-
راڌاڪرشن پريداس
اَمر ڀارت پرنٽنگ پريس
هاٿي ڀاٽا، اَجمير

فهرست

صفحو

چپائيندڙ طرفان

ڏاسي صاحب - جيون چرتر ۽ سنديش ١

ڏاسي صاحب جي ٻاڻيءَ مان ورتل

ڪجهه چونڊ شبد ٢٦

١. گرو مهما ٢٦

ٻولم ٻنڊون ستگر سوامي

٢. پرارٿنا ٢٨

بار بار ٻنتي ڪرون ستگر چرن نواس

٣. اندر جي جهلڪ ٢٨

اٻري ڏرگن ٻر ڏمڪي داميني

گگن ڪي گمٽ ٻر غيب ڪا چاندڻا

٤. شرير ۾ سار وستو سمايل آهي ٢٩

تن ۾ لٽ مول سماڻا

٥. منش شرير ٣٠

يهه تن دُرلڀ ديو ڪر

٦. ستسنگ ٣٠

هي سوامي آس آس ڪوءِ ڪهيما

ڏوکي سب جگ ٻيچ موٽا

٧. ستگروءَ جو اُپڪار ٣٤

اري ڏيک نهار ٻچار ڪرو

جو ڪوءِ ستگر ڇمها

٨. ڪرمن جو چڪر ٣٥

ڪرم ٻرڌان ٻڌي اٻجائي

اري تن ٻگ ٻنور من

٩. سنسار ۾ ڪجهه به بقا ڪونهي ٣٦

ڏيکا جگت پسار لار

سب جگ جاڻا ري جاڻا

١٠. ڪکڙا ٣٨

ڪکا کهون ٻولم گر

Scanned with CamScanner

١١. ستگر ملي ديال ٤٣

ستگر ڏين ديال ٻن

١٢. جاڳو ري جاڳو ٤٣

ڀور ڪوئي جاڳو ري جاڳو

١٣. ڪرم ڪانڊ ويرٿ آهي ٤٤

روپ ريکا نهين نام نهين

١٤. ستگرو - ملاح ٤٥

ڀو جل اگم اٿاهه

١٥. ڪالو ڪولي هلو مندر ۾ ٤٥

آلي ري ڪال ڪرت ٻيهالي

١٦. جيئري ئي مڪتي ٤٥

جيوت ڪر لب سهي ٻتاوءِ

١٧. مايا ٤٦

نر سي نڪسي اڪ ناري

١٨. سُن جي پار ٤٧

پياري ستگر ني ديکا ڀيد

گگن منڊل ڪي ٻيچ ۾

اگم ڪي جوت ۾ سوت نرکت رهي

پنٿ من پنٿ درياو در آپ ۾

١٩. ماس نه کائو ٤٩

ٻلڪرام لم سنيو سوامي

جي جي ماس ميں جن کائي

ڏيکهه نر ڪي ڀؤل سؤل ٿاسي سهي

٢٠. ٽياڳڻ ۽ ڪٿو ڪرڻ ٥٠

ٽياڳن سنگرهه سنت نه جانا

٢١. ستسنگ ٥٠

ستسنگ ستسنگ سب ڪهي

٢٢. ڪانءُ ۽ هنس ٥١

هنس ڪا اڪ ديش

ڪوئي هنسا ڀون سدارو ري

٢٣. من جا ڏوڪا ٥٢

هردي ٻيه ٻچن ڪر بولا

وي ديال ديا ٻچارين

۲۴. ڪرم ڪانڊي پرماتما کي نٿا چاهن ٥٤
پنڊت گياني ڀيش
پوجا اوَر سيوا ڪر گهنٽ بجاوءِ

۲٥. شبد ڇا آهي؟ ٥٦
جب هردي پوڇي پرڀاوا
جب هردي بولي سن سواهي

۲٦. شبد ڌن ٥٨
گرجت گگن گرا ڌن پالي
سرت سبد ڇيهي ٻا
سبد سبد سب کهٽ

۲۷. نام ٥٩
نام ووهي نام ووهي

۲٨. سنت ستگر بنا ڪرم نٿا ڪٽجي سگهن ٦٠
جن کي هردي گر سنت لهن
لن پالي لت نا لڪا

۲۹. ڪارو ڏيکو ٦١
جگ جگ ديکو ڪيت ٻ

۳۰. پاپ پنج جي ڳنڙي ٦١
لين لرڪ ڪولي ٺٽي

۳۱. پريتم کي پنهنجي اندر ڏسو ٦٢
سن اي لٽي ڊ جاڻيو

۳۲. من مندر کي صاف ڪر ٦٣
دل ڪا حجره صاف ڪر

۳۳. ڏکيندا رهو ٦٤
اري اڻ لٽي لڪتي رهو

۳۴. دنيا سنتن کي ڪشٽ ڏيندي رهي آهي ٦٤
مالا ڪهٽ جر دوءِ هالا

۳٥. منش جنم کي برباد نه ڪريو ٦٦
ڏري لر ديهه جگت ٻ

۳٦. مؤن جهڙي نيچ کي سهارو مليو ٦٧
للسي مٿن آلي نيچ لڪاما

٣٧. مُونکي اکيلو ڇو ڇڏيوَ ٦٨

سن سن سکي سجان
اگم گلي گم سار

٣٨. اُبٽو کوُهہ ٦٩

لکِ اَڪاس اوُندا کوئا

٣٩. گهوُنگهٽ کول ٧٠

لاج کها ڪيجي ري

٤٠. ڏولي موڪليو ٧٠

مٺن ستگر کي داسي

٤١. برهہ ديواني ٧١

بياڪل برهہ ديواني

٤٢. رنيا نچي ري ٧١

جل بچ ناچت رنيا ري

٤٣. برسات جي موسوُم ٧٢

جن ليہ کي برها بسئہ
وهٽ کاسي گائون ري مائي

٤٤. اُهوئي الکہ لکاوي ٧٣

هيهي لئن نگر لب پاوي

٤٥. من ٽي جيٽ ٧٤

اگم گڙهہ راهہ کا قلعا چڙهہ لوڙيا

٤٦. سنتن جي شيوا ٧٤

سنت کي راهہ گهر اگم کي پار هٿہ

٤٧. سنتن جو ديش ٧٥

هي سوامي موهي بڙن بتاوو

٤٨. رس جو پيالو ٧٦

ستگر رس پيالا اگم پيجي
پيجي بڙن چکٿہ الکہ گهر

٤٩. سنپيال ٧٧

سنت جيو کي وٽ چڙاوين

واسطو رکندڙ ڪتابن جي لسٽ ٧٩

سنڌي ڪتابن جي لسٽ ٨٠

Scanned with CamScanner

ڇپائيندڙ طرفان

ڪجھ وقت اڳ، حضور مهاراج چرنسنگهہ جن جي اڇا انوسار ۽ اُساهت ڪرڻ تي ڀارت ۽ يورپ جي سنتن جي ٻاڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائڻ جو ڪارج هٿ ۾ کنيو ويو. اُن گرنٿ مالا ۾ سنت نامديو، ٽلسي صاحب، پلٽو صاحب، ٽڪارام، دادو دِيال ۽ ميران تي انگريزيءَ ۾ پستڪ ڇپجي چڪا آهن ۽ اهي ڪافي لوڪ پريہ ثابت ٿيا آهن. جلد ئي هنديءَ ۽ ڀارت جي ٻين ٻولين جي جگياسن طرفان انهن جو ڀارتي ٻولين ۾ ترجمو ڪري ڇپائڻ جي تقاضا ٿيڻ لڳي. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ ٽلسي صاحب هاٿرس واري جي باري ۾ لکيل پستڪ جو هي سنڌي ترجمو پاٺڪن جي سيوا ۾ رکيو ويو آهي.

سنت يعني پورڻ گروءَ جو هن سنسار ۾ هڪ نهايت انوکو استان آهي. پنهنجي پوتر جيون، روحاني اڀياس ۽ نشڪام ڀڳتيءَ دواران اهي منش جنم جي اصلي مقصد کي پراپت ڪرڻ بعد، اُنهن جگياسن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ جو بار خوشيءَ سان پاڻ تي همورا ڪن ٿا، جيڪي پرماتما کي پائڻ جا ڪانڪي آهن. ڪرم ڪانڊ، ڌارمڪي ڪرياڻن، رسمين رواجن ۽ ڌرم جي نالي ۾ قائل ماڻهن جي ڪٽور وهنوار ۽ ڪڙي وروڌ جو شانتي ۽ ڌيرج سان مقابلو ڪندي، پنهنجي زندگيءَ جي ڪابہ پرواهہ ۽ چنتا نہ ڪري اهي پليل جيون ۽ سنسار جي ٻرندڙ آگ ۾ اُلجهيل جيون کي دائما سک ۽ شانتيءَ جو سنديش ڏين ٿا. پنهنجي ان اَمولڪ سيوا جي عيوض هو ڪنهن جي هڪ پائي بہ سويڪار نٿا ڪن. پنهنجو گذران پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ دواران ڪندي، جگياسن ۽ پنهنجي سڪن شيوڪن جي رهنمائي بنا ڪنهن عيوضي وٺڻ

جي ڪندا رهن ٿا. اهڙي طرح اهي مذهب جاتيءَ جا سچا ۽ سڀ
کان اُتم خيرخواهه ۽ پرُاپڪاري آهن.

سنتن جي سکيا شاسترن جي اڀياس ۽ عقل ٻُڌيءَ جي
دائري کان ٻاهر آهي ۽ سندن سکيا ذاتي روحاني انڀو
جي آڌار تي ٻڌل آهي. ڀلي ڪري سندن اُپديش جو طريقو
الڳ الڳ هوندي به، سڀني سنتن جو سنديش ساڳيو هوندو
آهي. دراصل سندن سکيا سمان ۽ ساڳي هوندي آهي ۽ ان
۾ ڪنهن به قسم جي ڦير گهير ڪرڻ جي ضرورت ناهي.
جيتوڻيڪ ملڪ، وقت ۽ ٻوليءَ جي انوسار سندن سمجهائڻ جو
طريقو الڳ ٿي سگهي ٿو پر سندن مارگ ۽ اُپديش حقيقت ۾
ساڳيو ئي رهيو آهي ۽ ساڳيو ئي رهندو.

جيون کي ڇنڊڻ ۽ الهنڪي پرڀو پراپتيءَ جي مارگ تي
لڳائڻ وارن مهان سنتن جي پرمپرا ۾ ٽلسي صاحب جو اهميت
ڀريو استان آهي. راجائي گهراڻي ۾ جنم وٺندي به راڄ ڪرڻ
۽ سکي جيوَن کان منهن موڙي، اڌيائمڪ مارگ ۾ وک وڌائڻ
واري هن پرم سنت جو جيوَن سکيادائڪ ۽ وڻندڙ آهي.

هن پستڪ جو سنڌي ترجمو شري چوهڙمل ڪيو ۽ شري
منگهارام ديال ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو. ان پرم ڀري سيوا لاءِ
اسين سندن شڪرگذار آهيون.

ڊيرا بابا جئمل سنگهه
ضلع امرتسر (پنجاب)
مارچ ۱۹۸۱

ايس. ايل. سونڌي
سيڪريٽري
راڌا سوامي ستسنگ بياس

تلسي صاحب

جيون چرتر ۽ سنديش

اڪثر ڪري سنتن جي جيون جي باري ۾ صحيح ۽ پوري ڄاڻ گهٽ ئي ملندي آهي. تلسي صاحب جي جيون جو ورتانت نه ڄاڻ وڌيڪ دُرلڀ آهي. سندن اوائلي جيون جو ورتانت مجهول ۽ ڏندلو آهي. جيتوڻيڪ هُو اُڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري رهيا پر هنن جي اصلي نالي، هنن جي پتا ۽ ڪٽنب جي باري ۾ اِتهاس خاموش آهي. هن پستڪ جو مُول مقصد آهي تلسي صاحب جي ٻاڻيءَ ۽ سندن سکيا کي پيش ڪرڻ ۽ نه ڪ سندن زندگيءَ يا اُن سان لاڳو متڀيدن کي.

تلسي صاحب جي اَوائلي جيون جي باري ۾ جيڪي مختلف احوال ملن ٿا، اهي مختصر نموني ۾ هيٺ درج ڪيا وڃن ٿا.

بيلويڊيئر پريس طرفان ڇپايل تلسي صاحب جن جي "رتن ساگر" (ٻهريون ڇاپو سنه ١٩٠٩) ۾ ڏنل جيون چرتر انوسار تلسي صاحب جو جنم اوچي برهمڻ ڪُل ۾ ٿيو. ٻالپڻ کان ئي ونئي کين سنسار لاءِ ڪابه چاهنا ڪانه هئي. ننڍي عمر ۾ سڀ ڪجهه تياڳي ڪري آخر ۾ علي‌ڳڙهه ضلعي جي هاٿرس شهر ۾ اَچي رهيا. اُن ورتانت ۾ تلسي صاحب جن جي اَصلي نالي، سندن ماتا پتا جي نالي يا جنم استان جي باري ۾ ڪوبه ذڪر ڪونهي.

اُن ئي پريس سنه ١٩١١ع ۾ تلسي صاحب جن جو مشهور گرنٿ "گهٽ رامائڻ" ڇاپيو. اُن پستڪ جي مهاڳ ۾ تلسي صاحب جن جي جيون چرتر تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اُن موجب تلسي صاحب جن جو

Scanned with CamScanner

جنم سن ۱۷٦۳ع ۾ ٿيو ۽ ۱۸۴۳ع ۾ ۸۰ سالن جي ڄمار ۾ چولو ڇڏيائون. هو پوني جي راجا* جا سڀ کان وڏا سپهر هئا. هو ذات جا برهمڻ هئا ۽ سندن نالو شيام راؤ هو. سندن پيا هن جي مرضيءَ خلاف هن جي شادي ننڍيءَ عمر ۾ ئي ڪرائي ڇڏي. سندن استريءَ جو نالو لڪشمي ٻائي هو ۽ کين هڪ پٽ ڄائو. تلسي صاحب جن جي پتا جي وڏي پرمارٿ ۽ پرڀو ڀڳتيءَ جي طرف هئي ۽ هن پنهنجي گدي ڇڏي شيام راؤ کي راڄ ڏيڻ چاهيو ٿي ۽ باقي زندگيءَ جا ڏهاڙا مالڪ جي ڀڳتيءَ ۾ سڦلا ڪرڻ چاهيا ٿي. پر شيام راؤ کي ٻڻ سنسار ۾ ڪابه رُچي ڪانه هئي ۽ راجائي عيش عشرت ڀري زندگيءَ لاءِ کين ڪابه چاهنا ڪانه هئي. راڄ تلڪ ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هو پنهنجي محلات مان ٻاهر نڪتا. ڪافي ڳولها ڪرڻ کان پوءِ شيام راو جو ڪوبه پتو نه پوڻ تي سندس ننڍي ڀاءُ کي گدي ڏني وئي.

شيام راو ڪيترن ورهين تائين جهنگلن، پهاڙن، ڳوٺن ۽ شهرن مان گهمندا هاٿرس اچي پهتا ۽ هاٿرس کي پنهنجو دائمي طور نواس استان بڻايو ۽ زندگيءَ جا باقي ڏهاڙا اتي ئي گذاريائون ۽ اتي ئي تلسي صاحب جي نالي سان پرسڌ ٿيا.

آچاريه موهن سنگهه، ڊاڪٽر راجڪمار ورما، ڊاڪٽر پيتامبر دت ٻڙٿوال، آچاريه پرشرام چترويدي ۽ ٻين هاٺوڪن

* ”راجا“ اکر پيشوا واسطي ڪم آندو ويو آهي. شروعات ۾ ”پيشوا“، شيواجيءَ جي راڄ ڪاروبار ۾ مکيه راڄ اڌڪاري هئا. ٿوري ٿوري ڪجهه عرصي بعد هو ئي مرهٽا حڪومت جا حقيقت ۾ راڄ هلائيندڙ ٿيڻ لڳا. هن پوني کي پنهنجي راڄڌاني بڻائي. جيتوڻيڪ اصلي راجائون نالي طور راجائون هئا ۽ هو ستارا ۾ ئي رهندا هئا.

ودوان مٿين ٻنهي ڏنل بيانن مان هڪ جي تائيد ڪئي آهي. ❀

مهاراشٽر جي هڪ مکيه اتهاسڪار، شري ونل راءِ نڪار ٽازو ئي پيشوا ونش سان واسطو رکندڙ دستاويزن جو اڀياس ڪري ٽلسي صاحب جي باري ۾ ڪجهه کوج ڪئي آهي، جا اِن ڳالهه جي تائيد ٿي ڪري ته ٽلسي صاحب جن جو پيشوا ونش سان سنبنڌ هو. جيتوڻيڪ شري نڪار اڃا کوج پوري ڪانه ڪئي آهي، اِن هوندي به هو چوي ٿو ته اِن ڳالهه جون ڪافي ثابتيون آهن ته ٽلسي صاحب حقيقت ۾ پيشوا باجي راو پهرئين جا ڏوهٽا اَمرت راؤ هئا. سندن جنم سنه ١٧٦٣-٦٤ع ۾ ٿيو هو ۽ جڏهن هو ٽن چئن سالن جا هئا ته رگهونات راو کين گود ۾ ورتو هو. اهڙي طرح اَمرت راو، باجي راو ٻئين جا وڏا ڀاءُ هئا. ٻالپڻ کان ئي اَمرت راو سياڻا گنڀير، وچاروان ۽ نردوش هئا. راڄنيتي ڦندن لاءِ کين نفرت هئي. پيشوا دربار جي راڄنيتي داوَن پيچن مان بيزار ٿي هو ١٨٠٤ع ۾ پونو ڇڏي اچي بنارس پهتا ۽ پنهنجو جيون مالڪ جي ڀڳتي بندگيءَ ۾ گذاريائون. ١٨٠٨-١٨٠٩ع ۾ ٻاٺ هاٿرس ۾ آيا ۽ پنهنجي آخرين دم ١٨٤٣ع تائين اُتي ئي رهيا. پر اهو پوري طرح پتو نٿو پوي ته اَمرت راو ڪڏهن کان ۽ ڪيئن ٽلسي صاحب جي نالي سان سڏجڻ لڳا.

مٿي ڏنل بيانن تي غور ڪرڻ سان اِها ڄاڻ ملي ٿي ته اُنهن سڀني ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن جي ڪافي حد تائين صحيح مڃي سگهجن ٿيون. مختصر طور اُهي هن ريت آهن:-

---

❀ بيلويڊيئر پريس جي سمپادڪن، اُنهن ٻنهي بيانن مان ڪهڙو صحيح آهي، اُهو صاف ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش ڪانه ورتي آهي ٻاڪ "گهٽ رامائڻ" ۽ "رتن ساگر" جي سڀني ڇاپن ۾ ٻئي بيان اَڄ تائين ڇپايا وڃن ٿا.

ٽلسي صاحب اوچي مشهور ڪُل ۾ جنم ورتو هو ۽ هو پيشوا جي راجائي نسل مان هئا.

سندن جنم اُرڙهين‌ءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿيو هو. پرمارٿي مقصد پراپت ڪرڻ لاءِ سنساري عيش عشرت کي ٺڪرائڻ جو ڪين نديڻ کان ئي لاڙو هو.

هو پنهنجي جنم ڀوميءَ مان ڀڄي نڪتا ۽ ڪوبه ڪين سڃاڻي نه سگهي، اُن لاءِ پاڻ کي لڪائيندا رهيا. ٿي سگهي ٿو ته پاڻ کي لڪائڻ لاءِ ئي هنن پنهنجو نالو شيام راؤ رکيو هجي.

هنن ڪافي رڙن ڪيو ۽ آخر ۾ ضلع عليگڙهه جي هاٿرس شهر ۾ پنهنجي دائمي رهائش بڻائي.

اهو ٻه خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو ته ٽلسي صاحب ڏکڻ ڀارت کان آيا هئا ڇاڪاڻ ته ماڻهو ڪين ’دکڻي بابا‘ جي نالي سان سڏيندا هئا.

اِن ڳالهه جو ڪوبه پتو نٿو پوي ته ٽلسي صاحب کي ستگرو ڪڏهن مليو ۽ اڪي اهو پتو پوي ٿو ته ڪين ڪڏهن سرت شبد جي مارگ جي دِڪشا ملي، جڏهن هو پوني ۾ راجڪمار هئا، اُن وقت يا اُن کانپوءِ جڏهن هنن سڀ ڪجهه ٺڪرائي هڪ سيلاني جيون اختيار ڪيو.

ٽلسي صاحب پنهنجي پستڪن ۾ ستگروءَ لاءِ پنهنجي شرڌا ظاهر ڪئي آهي پر سندن نالي جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. هڪ مرهٽي ٻوليءَ جي ودوان هڪ ليک ۾ لکيو آهي، ”ٽلسي صاحب کي سندن گروءَ هاٿرس ۾ نام دان بخشيو ۽ پنهنجي گروءَ جي سکيا انوسار هنن خوب اُڀياس ڪيو.“ ■

سڀني جڳن ۾ سڀني سنتن پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ وقت جي ستگروءَ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. سنت مت

■ پنڊت پانڊرنگ شرما ”وود وگيان وستار“ نالي مرهٽي اخبار ۾ جون ۱۹۳۱ع جي پرچي، صفحي ۲۰۲ تي.

۽ ستگروءَ جي نهايت ضرورت آهي. ستگروءَ بنا اندروني روحاني پانڌا ممڪن ناهي.

ٽلسي صاحب پنهنجن پستڪن ۾ جڳهه جڳهه تي گروءَ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. "رتن ساگر" ۾ بلڪل صاف شبدن ۾ پاڻ لکن ٿا:-

بن ستگرو اُپديس، سُر نرمُني نهين نستري،
برهما وشنوُ مهيس، اؤر سين کي ڪو گني،
ستگرو بنا پو مانهه ڀٽڪي، اَنڪ نهين گرو کي گهي،
پرنگي هون نهين ڪمت پاوي، اُلٽ پرنگي لا پٿي.

(رتن ساگر صفحو ٧)

خود ٽلسي صاحب ڀي گرو ڌارڻ ڪيو هو. اُن جا اِشارا سندن ڪيترن ئي شبدن ۾ ملن ٿا. پنهنجي ستگروءَ لاءِ شڪرگذاري ظاهر ڪندي فرمائين ٿا:-

ستگرو اَگم اَپار، سار سمجهه ٽلسي ڪِيو،
ديا دين نرڌار، موهه لڪار پاهر لِيو.
ستگروُ سنت دِيال، ڪر نهال موڪو ڍِيو،
سرت سند سڌار، سار پار جد لک پريو.

(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ١، صفحو ٨)

اَهڙيءَ طرح ٽلسي صاحب ستگروءَ جي ڪرپا سان پنهنجي اَندر آيل تبديليءَ جو ذڪر هڪ سندر مثال ڏيئي بيان ڪن ٿا:-

مٽن لوها جڙ ڪمت سمانا، گر پارس سنگ ڪنڪ کهانا.
ٽلسي ستگر پارس ڪينا، لوها سگم اگم لکه لينا.

(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢، صفحو ١٩١)

ٽيهري ٽيهري ٽلسي صاحب وٽ جڳياسو ۽ شش وڏي اَنداز ۾ اچڻ لڳا. برهمڻ کان وٺي شوُدر تائين سڀئي ذاتين جا ماڻهو، غريب کان وٺي اَمير تائين سڀني قسمن جا ماڻهو،

ودوان ۽ اڻ پڙهيل، ڪرمي ڪاسبي هنن جي ستسنگ ۾ اچڻ لڳا. ٽلسي صاحب ستسنگ ڪرڻ لاءِ هاٿرس کان ٻاهر پڻ ويندا هئا. اتر پرديش جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اڪثر ڪري ويندا هئا. سندن شش ۾ آگري جو سيٺ دلوالي سنگهه، سندن ڏوهٽي مها مايا، سندن ماتا، سس ۽ پيٽ پڻ هئا. اهي سڀ ٽلسي صاحب جا پريمي شش هئا ۽ ٽلسي صاحب ڪيترائي ڀيرا آگري ايندا ويندا هئا. آگري ۾ هو سيٺ دلوالي سنگهه جي گهر ۾ ئي گليءَ ۾ رهندا هئا ۽ اُتي ئي ستسنگ ڪندا هئا.

سنه ١٨١٧ع جي آڪٽوبر جو مهينو هو. برسات کان پوءِ ريشمي، زريءَ جا ڪپڙا، ڪمخاب ۽ قيمتي گرم ڪپڙا شالون وغيره ڇت تي اُس ۾ سڪائڻ لاءِ پيل هئا. هڪ ڏينهن اڳ برسات پيئي هئي، ان ڪري گهٽين ۾ گپ لڳي پيئي هئي. ٽلسي صاحب جن جا پير گپ ۾ ڀريا پيا هئا. ٽلسي صاحب کي ايندو ڏسي سيٺ دلواليسنگهه جن جي ماتا ۽ ٻيون زالون ڏاڍو خوش ٿيون. اُنهن مٿو ٽيڪيو ۽ وينتي ڪئي ته هو اُنهن قيمتي وسترن تي ئي وهن. ٽلسي صاحب مٽي ۽ ڪيچڙ سان ڀريل پيرن سان ئي اُنهن قيمتي ڪپڙن تان هلي، اُتي ئي وهي رهيا. ستگروءَ جي پريم ۽ ڀڳتيءَ ۾ مگن ۽ مست گهر جي زالن جو خيال اُنهن قيمتي ڪپڙن تي گپ چڪ لڳڻ ڏانهن ويو ئي ڪونه. سيٺ دلواليسنگهه جن جي ماتا جي وينتي سوڪار ڪري، ٽلسي صاحب اُنهن قيمتي ڪپڙن تي چرن رکيا ۽ اهو ڏسي هوءَ ڏاڍو پرسن ٿي. ٽلسي صاحب چيو، ”اڙي! مون ته ٽهنجا قيمتي ڪپڙا مٽيءَ سان خراب ڪري ڇڏيا.“ اُن تي سيٺ دلواليسنگهه جن جي ماتا پريم ۽ نمرتا سهت جواب ڏنو، ”نهين صاحب جي! * ڪڇهه

---

* ٽلسي صاحب جا شش کين، ”صاحب“ يا ”صاحب جي“ ڪري سڏيندا هئا.

۽ خراب ڪونہ ٿيو آهي. توهان نہ اسان کي پنهنجي درشن سان ڪرتارٿ ڪري ڇڏيو. سڀ ڪجهہ توهانجو ئي آهي. اُنهن ڪپڙن ۾ اسانجو آهي ڇا؟”

هن جي ڀڳتي ڀاونا کي ڏسي ٽلسي صاحب جن چيو، ”مان توسان بيحد خوش آهيان. جيڪي وٺڻي سو گهر، مان خوشيءَ سان ڏيندس.”

اُن تي سيٺ دلواليسنگهہ جن جي ماتا عرض ڪيو، ”توهانجي دَيا مهر سان مونوٽ سڀ ڪجهہ آهي ۽ ڪنهن بہ اِي شيءِ جي ضرورت ڪانهي پر پنهنجي ننهن ڏانهن اشارو ڪري وينتي ڪيائين، ”مها مايا کي ڪجهہ ڪريو.” سيٺ دلواليسنگهہ جن جي ڌرمپتني مها مايا کي ڪو بہ پٽ ڪونہ هو. ٽلسي صاحب جن دَيا مهر ڪئي ۽ موج ۾ فرمايائون، ”ها! هنکي پٽ ٿيندو، پر اُن کي ساڌارڻ انسان نہ سمجهجو.”

آگسٽ ۱۸۱۸ ۾ سيٺ دلواليسنگهہ ۽ مها مايا کي پٽ ڄائو، جنهنجو نالو شِو دَيالسنگهہ رکيو ويو. هي پوءِ پرم سنت جي روپ ۾ پرگهٽ ٿيا ۽ سوامي جي مهاراج جي نالي سان پرسڌ ٿيا.

اُهڙي طرح بالپڻ کان ئي سوامي جي مهاراج ٽلسي صاحب جن جي بلڪل ويجهو رهيا. سوامي جي مهاراج جن کي ٽلسي صاحب جن جي درشن ۽ ستسنگ جو لاڀ، سندن انت سمي تائين پراپت ٿيندو رهيو. سوامي جن کي ٽلسي صاحب جن وٽان روحاني رهنمائي ۽ پرڪاش مليو. سوامي جي مهاراج جن کي پنهنجي ستگروءَ لاءِ گهري پريت ۽ اَتوٽ شرڌا هئي. ٽلسي صاحب جي ٻين ششن واڱر سوامي جن بہ کين ’صاحب‘ يا ’صاحب جي‘ ڪري سڏيندا هئا.

ٽلسي صاحب جي ڪجهہ آخرين سالن ۾ سندن آتما ۽ چيتنا جي ڌارا اڪثر ڪري اَنترمک رهندي هئي ۽ ڇپلهہ کان هيٺ سندن سرير گهٽ ڪري مُڙن رهندو هو ۽ اڪري

هلڻ کين سکڻدا هئا. شش ۽ شيوڪ کين پنهنجي ڪلهن
تي يا پالڪيءَ ۾ ويهاري هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وٺي ويندا
هئا. هڪ دفعي ٽلسي صاحب جن سوامي جن سان گڏ ڪنهن
ميلي ۾ تشريف وٺي ويا. ٻئي ميلي ۾ سڙڪ جي هڪ
ڪناري ويهي رهيا جتان ماڻهو اچي وڃي رهيا هئا. پنهنجي
ڪرپا ۽ ديا جي موج ۾ ٽلسي صاحب جن سوامي جن کي چيو
ته هن وقت جيڪو به اچي شرڌا سان مٿو ٽيڪيندو، ان جي
آتما ان گهڙيءَ ئي اندروني روحاني منڊلن ۾ پهچائي
ڇڏبي. جيتوڻيڪ ٽلسي صاحب اها امول بخشش ڪرڻ
لاءِ تيار هئا پر شايد اها ڪرپا وٺڻ وارو ڪونه هو.

ميلي ۾ ايندڙ ويندڙ سوين ماڻهن مان صرف هڪ ئي
استري، جا وشنيا هئي، ٽلسي صاحب کي ڏسي بيٺي ۽ سندن
سامهون اچي شرڌا سان کين مٿو ٽيڪيو. ٽلسي صاحب جن
سوامي جن کي چيو ته توهان پنهنجو هٿ هن (وشنيا) جي مٿي
تي رکو. ان تي سوامي جي مهاراج جن چيو ته بخشش ته توهين
ڪري رهيا آهيو پر هٿ منهنجو ڪم آندو پيو وڃي. ٽلسي
صاحب جن فرمايو ته اڳتي هلي توهان کي به اهو ئي ڪارڻ
ڪرڻو پوندو. ٻنهي سنتن جي ڪرپا ۽ ديا مهر سان ان استريءَ
جي اندروني اک کلي پيئي ۽ ڪيس اندر ۾ روحاني نظارا ڏسڻ
۾ اچڻ لڳا ۽ سندس آتما سوکيم منڊلن ۾ هلي وئي. ڪجهه
وقت کان پوءِ جڏهن هن جي آتما واپس سرير ۾ آئي ته هن
شڪرانيءَ ۽ ڀڳتي ڀاو سان مٿو ٽيڪيو ۽ هلي وئي.

ٽلسي صاحب جن کي سوامي جن لاءِ ڏاڍو پيار هو ۽
سوامي جن کين پنهنجو روحاني رهبر ۽ رهنما سمجهندا هئا
۽ ڏاڍي صدق ۽ عزت جي نظر سان ڏسندا هئا. جڏهن ٽلسي
صاحب جن جي چولي ڇڏڻ جو وقت ويجهو آيو ته هنن
سوامي جن کي سڏايو جن کي پاڻ "منشي جي" ڪري سڏيندا
هئا. جنهن وقت سوامي جن کي نياپو مليو ۽ خبر پيئي ته

ٽلسي صاحب جن هن سنسار کي ڇڏي رهيا آهن، اُن وقت، جنهن ۾ حالت ۾ هئا، انهيءَ حالت ۾، جتي پاڻ بنا هاٿرس طرف ڊوڙڻ لڳا. چون ٿا ته پنهنجي پياري ستگروءَ جو آخرين درشن ڪرڻ لاءِ، سوامي جي مهاراج جن اٽڪل ويهن ميلن جو مفاصلو ڊوڙندي طئه ڪيو. جيستائين سوامي جن نه پهتا، تيستائين ٽلسي صاحب جن چولو نه ڇڏيو. سوامي جن جي پهچڻ تي ٽلسي صاحب جن مٿن هڪ گهري آخرين درشٽي وڌي ۽ جوتي جوت سمائجي ويا.

جيتوڻيڪ ٽلسي صاحب جن جو جنم هڪ برهمڻ ڪُل ۾ ٿيو هو ۽ ذات پات جي ڪٽر واتاورڻ ۾ سندن پالڻ پوشڻ ٿيو هو، پوءِ به هوُ ذات پات جي ڀيد ڀاوَ، سڀني قسمن جي ٻاهرمکي ساڌنن، پوڄا پاٺ، ڪرم ڪانڊ وغيره جي خلاف هئا. پاڻ لکن ٿا:

برهمڻ چارون ڌام، ڪام اڪ نا سرءِ
پٿر پاڻي سات، هاٿ ڪڇ نا لڳا.

(شبداولي ڀاڳو ١، صفحو ٢٤)

پاکنڊين، ڀيکن ۽ پوڄارين لاءِ هن ان پستڪ ۾ لکيو آهي:-

پوڄا اوُر سيوا ڪر گهنٽ بڄاوين،
ڪر ڪر پاکنڊ لوڳ بهت رجهاوين.

(شبداولي ڀاڳ ١، صفحو ١٧)

ٻاهرمکي پوڄا پاٺ ۽ ڪرم ڪانڊ جي بلڪل کلي نقطچيني سبب ڪجهه ماڻهو ڏاڍو ناراض ٿيا. هڪ دفعي ٽلسي صاحب ڪنهن شش جي گهران موٽي رهيا هئا. ڪجهه پنڊت ۽ ڪرم ڪانڊي ماڻهو، ڪن آوارن ڇوڪرن کي پاڻ سان وٺي ٽلسي صاحب جن جي پٺيان هلڻ لڳا. هوُ ٽلسي صاحب جن تي پٿرن ۽ گارين جو ڌوڙهو وسائڻ لڳا. جڏهن هڪ به پٿر ٽلسي صاحب جن جي بلڪل ويجهو اچي ڪريا ته

شِشن مان هڪ کي ڏاڍو ڪروڌ آيو. غصي ۾ لعل ٿي هوءَ پٺيان ايڊيٽرن جي طرف مڙيو ۽ هُنن کي ڌمڪائڻ لڳو. ٽلسي صاحب هڪدم کيس روڪيو ۽ کيس سمجهائڻ لڳا ته دنيوي ماڻهن لاءِ هميشه مالڪ جي ڀڳتن ۽ پيارن سان ڪٺورتا ۽ نفرت ڀريو وهنوار ڪيو آهي. هو انهن پيارن جي چمڙي لاهڻ، ڦاسيءَ جي تختي تي چاڙهڻ ۽ سر ڪٽڻ ۾ ذرو به نه هٻڪيا پر مالڪ جي ڀڳتن صرف ڪروڌ ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻوڙي رهيو، هنن کي هڪ اکر به نه چيو. آخر ۾ ٽلسي صاحب فرمايو ته ڪاريون ڏيڻ يا ٻئي اُجلائڻ جهڙي رواجي ڳالهه تي ڪاوڙ ڪرڻ، توهان کي نٿو سونهين.

ٽلسي صاحب نمرتا، سهن شيلتا ۽ صبر جا صاحب هئا. هنن جو وهنوار سڀني سان برابر ايڪو هو. هو پنهنجن وچارن کي صاف ۽ نڊر ٿي ظاهر ڪندا هئا، پر ساڳئي وقت سندن وهنوار سڌو ۽ ميٺاج ڀريو هوندو هو. ڪيترا دفعا ودوان، پنڊت ۽ پروهت يا مت آچاريه هنن سان بحث ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته اُهي هنن سان وڙهڻ جي خيال سان ايندا هئا ۽ سخت لفظن جو استعمال ڪندا هئا. پر ٽلسي صاحب جن هميشه اُنهي هنن جو آدر ستڪار ڪندا هئا، جهڪي هنن کي پرڻام ڪندا هئا ۽ هنن جي تشريف وٺي اچي ڪٽيا کي پوتر ڪرڻ لاءِ هنن جي شڪرگذاري ڪندا هئا. کين پاڻ کان مٿي اوچي آسڻ تي وهاريندا هئا ۽ سندن ڪروڌ ڀريل ڪوڙن لفظن کي بلڪل ڌيرج سان ٻڌندا هئا. گهٽ رامائڻ ۾ اهڙا انيڪ مثال آهن، جن مان ظاهر ٿو ٿئي ته ٽلسي صاحب ڪهڙيءَ ريت پنهنجي نمرتا، ڌيرج ۽ پريم ڀريءَ وهنوار سان پنهنجن ورودين جون دليون جيتي وٺندا هئا.

پنهنجن ششن جي پريم ۽ ڀڳتيءَ جو ٽلسي صاحب ڏاڍو قدر ڪندا هئا. هڪ دفعي هو آگري ويا ۽ ٻئي گليءَ ۾

سوامي جي مهاراج جن وٽ پهتا. اهو ٻڌي ته ستگرو شهر ۾ آيا آهن، ڪجهه زالون جي اوڙي پاڙي ۾ رهنديون هيون، درشن لاءِ ڊوڙي آيون. انهن مان ڪيتريون ته پنهنجي گهر و ڪم ڪاج ۾ رڌل هيون ۽ جنهن حالت ۾ هيون، ان حال ۾ سوامي جن جي گهر ڊوڙي آيون ۽ ڏاڍي صدق ۽ شرڌا سان ٽلسي صاحب جن جي چرنن ۾ سر نوائي سندن آس پاس اچي ويٺيون. جڏهن ٽلسي صاحب جي هڪ شيوڪ ڏٺو ته انهن زالن جي ڪپڙن مان بدبوءِ اچي رهي آهي ته انهن کي چيائين ته هتي پري ٿي وهو ڇو جو توهانجي ڪپڙن مان ڳوهر جي بانس اچي رهي آهي. ٽلسي صاحب هنڪي روڪي چيو، "ڀائي! هنن کي وهڻ ڏي، توکي هنن جي پريم جي خوشبوءِ جو پتو ڪونهي. توکي اها سڌ ڪانهي ته ڪهڙي ڀڳتي ڀاو سان هي هتي آيون آهن. توکي هنن مان بدبوءِ اچي ٿي، مگر مون کي نه."

شيخ تقي نالي هڪ فقير حج تان موٽي رهيو هو. اتفاق سان هن پنهنجو ڊيرو ٽلسي صاحب جن جي ڪٽيا جي سامهون لڳايو ۽ انڪري هن کي ٽلسي صاحب سان ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو مليو. پرماتما جي پراپتيءَ جي مارگ جي باري ۾ پنهنجي وارتالاپ ۾ ٽلسي صاحب شيخ تقيءَ کي سمجهايو ته منش جو شرير ئي اصلي مسجد آهي ۽ ان ۾ ئي خدا رهي ٿو. انسان جي هٿن سان ٺهيل سرن ۽ پٿرن سان ٺهيل مسجد ۾ هو ڪونه ٿو رهي. هن سان ملڻ جو رستو به انسان جي شرير ۾ ئي آهي. اهو رستو ٽيسري اک يعني "نقطائي سويدا" کان شروع ٿئي ٿو. اکين جي هن مرڪز ۾ ساري سرشٽيءَ جو ڀيد لڪل آهي. "ڪُن" شبد يا دوِيه ڌن خدا جي محل جي دروازي جي ڪنجي آهي، پر اها صرف پوري ستگروءَ کان ملي سگهي ٿي. *

* هن پستڪ ۾ ڏنل ٽلسي صاحب جي ٽن غزلن کي ڏسو.

شيخ تقيءَ کي تلسي صاحب جن جي صحبت ۽ هن جي وچنن جو اثر جو اُن وقت تہ ڪو بہ پتو ڪونہ لڳي سگهيو پر ٻج ڇٽجي ويو هو ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ اهو هريو ڀريو ٿي پيو. ڪجهہ ڏينهن بعد شيخ تقي جو پنهنجي گهر ڏانهن سفر تي روانو ٿي چڪو هو، موٽي تلسي صاحب جن وٽ آيو. هن جي هردي ۾ برهہ جي آگ ڀڙڪي اٿي ۽ هن نير ڀريل نيڻن سان نام دان لاءِ عرض ڪيو.[1]

ماناگر تالي هڪ سنياسي ويدن شاسترن جو ماهر ودوان هو. پنهنجي گفتگوءَ جي دوران تلسي صاحب هن کي سمجهايو تہ سنت مت جي سکيا ويدن ۽ پراڻن جي پهچ کان ٻاهر آهي.

بي بيد انت بيد ۾ نائين گيتا ساستر ڀيد نہ پائي،
سنت متا ڪڇو ان سي نيارا سو تلسي ني ڪها پڪارا.
(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ١، صفحو ١٦٦)

تلسي صاحب جن اڳيان سمجهايو آهي تہ سنياسي سنسار کي ڇڏي تياڳي تہ بڻجن ٿا پر هن تياڳ ڪرڻ کانپوءِ بہ هو هن ڀوساڳر ۾ اڙجن ٿا. ڪيسري يا گيروا ڪپڙا يا نيلا وستر پائڻ، ڪرپا تري[2] ٻڌجڻ، مونن ورت ڌارڻ وغيره سڀ ٻاهرمکي ڪرياؤن آهن، جنهنجو ڪو بہ لاڀ ڪونهي ۽ مکش کي پرماتما جي پراپتي طرف نٿيون وٺي وڃن. آخر ۾[3] ناماگر سنياسيءَ کي تلسي صاحب جن نام جي بخشش ڪئي ۽ هن تي اندر ۾ اهڙي تہ ڪرپا ڪئي جو هن جو جيون ئي بدلجي ويو[4].

---

١. گهٽ رامائڻ ڀاڱو ١، صفحو ١١٢.
٢. اهڙي قسم جا ويراڳي سادو جي هٿن ۾ ئي اُن جل وٺي واپرائيندا هجن.
٣. گهٽ رامائڻ ڀاڱو ١، صفحو ١٦٦-٦٧.
٤. اهو ئي صفحو ١٦٧.

ڪبير صاحب جا پوئلڳ ڌيري ڌيري شبد اڀياس جي انترڪ مارگ کان پٺتي ٿي ٻاهرمکي ڪريائن ۾ ڦاسي پيا هئا. ڇڏبي ڪٿي ته ڪبير صاحب جن جي سکيا کي هو ڀلجي ويا هئا. ٿولداس نالي هڪ ڪبير پنٿي مهنت، تلسي صاحب جن وٽ ڪين ڪبير پنٿ جي باري ۾ سمجهائڻ جي خيال کان آيو. پر تلسي صاحب کي اپديش ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي پاڻ ڪيس تلسي صاحب کان، ڪبير صاحب جي اصلي سکيا جو ڀيد پراپت ٿيو. ڪبير صاحب جي سکيا جي پروڙ وياکيا ڪرڻ بعد تلسي صاحب جن فرمايو ته سنت مت جو طريقو هميشه کان هڪ ئي رهيو آهي. ماڻهن وقت بوقت اُن کي الڳ الڳ نالو ڏنو آهي ۽ انڪري حقيقت کي سمجهڻ ڏايو اوکو ٿي پيو آهي. جيڪي به سنت مهاتمائون سڀ کان اُتم ۽ اوچي ڌام ۾ پهتا آهن ۽ جن پرماتما سان ميلاپ جو انڀوُ پراپت ڪيو آهي، اُنهن سڀني جو سنديش هڪ ئي آهي. جن اندر وڃي پرماتما کي پاتو آهي، اُنهن سڀني جي سکيا هڪ ئي آهي پر جيڪي ڪڏهن اندر ويا ئي ڪونهن اهي طرح طرح جا آسرا وٺي ويٺا آهن. جو ڪجهه پراچين سنتن فرمايو آهي، ڪبير صاحب پڻ اهو ئي فرمايو آهي:-

”جو جو سنتن ڪهي اگارا سو سو داس ڪبير پڪارا.“[1]

ڪبير صاحب ۽ ٻين سنتن جي شبد مارگ جي تفصيلوار چرچا ڪندي تلسي صاحب جن ٻڌايو آهي ته ڪبير صاحب پنجن اکنڊ شبدن جو ورنن ڪيو آهي ۽ اندر جي پنجن منزلن جي پنجن شبدن بابت اشارو ڪيو آهي پر لوڪن ٻاهر ڪنجهون وغيره وڄائي شبد ٻڌڻ ۽ شبد ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيو.[2]

---

١. گهٽ رامائڻ ڀاڱو ١، صفحو ١٨٠.

٢. پانچون شبد اکنڊت کهيا، لم ڪنجهري ڀو شبد سنٿيا.
(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ١، صفحو ١٨٤)

ٽلسي صاحب جي مڪار بعد مان سنت مت ۽ ڪبير صاحب جي مارگ جي بلڪل صاف ۽ صحيح وياکيا ٻڌي **ڦولداس** جو ڀرم نورت ٿي ويو. هن ٽلسي صاحب کي نام دان لاءِ پرارٿنا ڪئي ۽ عرض ڪيو، ”هي سوامي هاڻي مون کي سڌ پئجي آئي ته توهين ۽ ڪبير صاحب حقيقت ۾ هڪ ئي آهيو.“

ڦولداس ڪهه سوامي سوجها ڪيو، ٽلسي تهين دوجا.
مٽن مهنت مين مان لڳاما، مٽن مت ليو نه لمڪو جالا.
هاٿ جوڙن اُر لرمت چلاوا، دان هوئي سو چون ڳراوا.
مور من مٽلا آئي ليجا، تي مهنت مت من سر ڪيجا.
موري مت پرد وشت نه دپجه، ڦولداس آيا ڪر ليجي.
ليهري چون موهه نر ڀارا، پيا چون تهين هوئي آڀارا.
سو ڪبير سو نر هو سوامي، ديا ڪرهه موهه انتر جامي.
گهٽ راماڻ ڀاڱو ١، صفحو ١٨١-١٨٢.

ٽلسي صاحب جن کان نام دان وٺڻ بعد هن آئي ئي رهڻ جو ارادو ڪيو. هن سان گڏ سندس هڪ شش رام ٻليداس پڻ گڏ آيو هو جو مرمڪ ۽ مان وڏائيءَ جو چاهڪ هو. هن ڦوڙلداس کي واپس هلڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي پر ڦوڙلداس آئي ئي رات گذارڻ جو نشچو ڪيو. ان تي رام ٻليداس چيو ته پوءِ ”تو هون رهه هتي اُن ڪي سانگا.“ * ان تي ناراض ٿي ڦوڙلداس پنهنجي مهنتي هن کي ڏيئي ڇڏي ۽ ڪيس پنهنجي پالڪي پڻ ڏيئي ڇڏيائين. اُن وقت ته رام ٻليداس گد گد ٿيو پر مونڌي سوچڻ لڳو ته سچ پچ ڦوڙلداس کي ڪا اوچي دولت ملي آهي جنهن سبب هن هيتري مال ملڪيت، مت جي مهنتي، مان مرتبا جو تياڳ ڪري ڇڏيو آهي. سو هو پاڻ مت جي مهنتي ڪنهن ٻئي شخص کي سونپي ٽلسي صاحب جن وٽ آيو ۽ اچي ستگرن جي چرنن ۾ سر نوايو. اُن ڪري پڻ

* ڀاڱو ٢، صفحو ٣.

ٽلسي صاحب جن اُپديش ڏنو ۽ سنت مت جو سار، دادو صاحب، نانڪ صاحب، دريا صاحب، ميران ٻائي، ڪبير صاحب جن جي حوالن سان سمجهايو. سڀني سنتن جو هڪ ئي رستو آهي، "سب سنتن کي ايڪ راهه لئي." ☼ انهن ۾ رويداس جي اندر جا ڪپاٽ کلي پيا ۽ هن پنهنجي اندر وچ روحاني انڀو حاصل ڪيا. "چڪو امر پد سار"، "ديکه آد، اندر مٿي" ❋ ٻئي ڦوُلداس ۽ رويداس ٽلسي صاحب جن جي ڪٿيا سامهون ڪٿيا ناهي رهڻ لڳا.

گنوان، اوتارن جو ڀڳت ۽ شاسترن پراڻن جو وڏو حامي هو. اُنکي ٽلسي صاحب سمجهايو ته ديوي ديوتا، اوتار وغيره سڀ ڪرمن جي قانون ۾ قيد ٿيا پيا آهن، شاستر ۽ پراڻ مرڻ ڪانپوءِ جي مکتيءَ جو دلاسو ڏين ٿا، اهي جيئري مکتي ماڻڻ جي ته ٻاق ئي نٿا ٻولين. اهميت ته اُن مکتيءَ جي آهي جيڪا اسين هيئنر جيئري جاڳندي حاصل ڪري سگهون. جيڪي لوڪ موُت ڪانپوءِ مکتي ماڻڻ جي ڳالهه ڪن ٿا اُهي ڪوڙا آهن. موُت ڪانپوءِ ڪير اُن ڳالهه جي شاهدي ڏيڻ آيو آهي ته مونکي مکتي ملي آهي؟ سچو مارگ ته اُهو آهي جو هن ئي جنم ۾ جيئري ئي مکتي ڏئي.

اُپدي ديکي کهوَ نه پائي، مٿي گٿي کي ٻڌي ٻتائي.
سانچا سوئي ملي جو آجي، مٿي مکت ٻتاوه ٻاجي.
جيوت ملي سوئي من ٻورا، مٿي کهٿ سمجهه سوئي ڌورا.
(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢، صفحو ٤٣)

اوتار دشٽن کي مارڻ لاءِ اچنا، اُنهنجي اندر جي مليمتا کي ناس ڪرڻ لاءِ ڪونه ٿا اچن. سنت، جي هميشهه ديا ۽ رحم سان ڀرپور هوندا آهن، جيون جو اُڌار ڪرڻ لاءِ ايندا

☼ گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢، صفحو ١١.
❋ گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢، صفحو ٦.

آهن، اُنهڪري مارڻ لاءِ ڪين ايندا آهن. ❀

تلسي صاحب اِن ڳالهه تي زور ٿا ڏين ته مڪتي حاصل ڪرڻ لاءِ سنساري اِڇائن ۽ ڪامنائن جو تياڳ ڪرڻ ضروري آهي. دنيوي اِڇائون منش کي ڪرم ڪرڻ لاءِ اُڀارين ٿيون ۽ ڪرم اَسانجي آواگون جو ڪارڻ بڻجن ٿا. اَسانجو هرڪو جنم اَڳين ڪرمن جي ڪارڻ آهي. جنم مرڻ جي چڪر مان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ اَسانکي ڪرمن جي ٻنڌنن کي ڪاٽڻو پوندو. تلسي صاحب فرمائين ٿا ته جهڙي به ڪامنا يا آشا منش رکي ٿو، اُن موجب ئي هو جنم پائي ٿو. اِڇائن جي آڌار تي منش ڪرم ڪري ٿو. اهي ڪرم ئي اَلڳ اَلڳ جونين ۾ جنم وٺڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

ڪرم ساري ٻڌ کهائي، جنهه پئي آس پاس جينهه ماهين.
ڪرم آس کي ٻاس ۾، جوني جون سماءِ.
جو جئسي ڪرني، تو وئسي ڦل ڪاءِ.
(ونن ساگر، صفحو ٨٤)

جنم مرڻ جي اِن زبردست زنجير کي صرف منش جنم ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو. آواگون ۽ چوراسيءَ جي جيلخاني مان ٻاهر نڪرڻ جو دروازو صرف منش جنم ئي آهي. تنهنڪري منش جنم هڪ نهايت اُتم ۽ دُرلڀ بخشش آهي ۽ اُن بي-بها موقعي کي فضول ضايع نه ڪري ڇڏجي. تلسي صاحب فرمائين ٿا ته اِهو پرماتما طرفان ڏنل ناياب موقعو آهي. اِهو هن مها ڀيانڪ ساگر کي پار ڪرڻ لاءِ هڪ جهاز آهي.

”ناو ملي اب چڙهني ڪو، نرتن دُرلڀ داوُ.“

نر ناراڻي ديهه پائي جيڪڏهن اها وٿ وڃائي ڇڏيسين ته هن دهشت ڀري ڀوساگر کي پار ڪرڻ ممڪن ناهي.

”نرتن پائي پرک نه ڪينها، ڀو سنڌ ٿانهه ترڀو ري“
(شبداولي ڀاڱو ٢، صفحو ٩٠)

❀ اِهو ئي ڀاڱو ٢، گدوان سان وارتالاپ صفحو ٤٢-٤٦.

ڪبير صاحب، گرونانڪ ۽ ٻين سنتن وانگر تلسي صاحب پڻ سرير جي نون دوارن کي خالي ڪري، چيتنتا کي سميٽي، ڏهين گهر، ٽيسري تل جا ٽين اک ۾ ايڪاگر ڪرڻ تي زور ڏين ٿا. تلسي صاحب ان استان لاءِ ڪيترائي مثال ڏيئي اُن جو ورڻن ڪيو آهي. اهو ڪس ڪس جو داڙو آهي جنهن مان هڪ رستو آهي ۽ جنهن داڙي ۾ خدا جو شهر وسيل آهي.[1] سئيءَ جو ناڪو آهي اُن مان اُٺ لنگهي سگهن ٿا.[2] تر آهي جنهن پٺيان پهاڙ ڇپيل آهي.[3] دوربين آهي جنهن دواران اَنيڪ لوڪ پرگهٽ ڏسڻ ۾ اَچن ٿا.[4]

ان باري ۾ تلسي صاحب فرمائين ٿا ته جو انهيءَ داڙي ۾ وڃي سئر ڪري ٿو، اهو پرڀوءَ جي پريم ۾ مست مرشد آهي.[5] اهڙي ڪامل مرشد جي مهر ۽ مدد بنا ڪوبه هن دروازي ۾ پرويش نٿو ڪري سگهي، ڀل ڪيتري ئي ڪوشش ڪري.[6]

سرير جي نون دوارن مان چيتنتا کي سميٽي ٽيسري تل

---

١. کس کس جي دائي کي اندر شهر خدا کا بستا هئ.
(رتن ساگر صفحو ١٦٢)

٢. وهي سئي دوار دکلاوين اونٹ جائي نظر آوي.
(رتن ساگر صفحو ١٦٢)

٣. پهاڙ آڙي کهي تل کي. (اهو ئي صفحو ١٦٢)

٤. ديکهين دوربين ۾ رستا مکر اندر شهر بهتا.
(اهو ئي صفحو ١٦٣)

٥. سئل ڪردالي کي پيتر سو مرشد المستا هئ.
(رتن ساگر صفحو ١٦٣)

٦. بنا مهر محرم کي صحبت، يون ڪيون ناحق پچتا هئ، ان مرشد سب لاچ لاچ هاري، مرشد ني سب ڪاج سداري.
(رتن ساگر صفحو ١٦٣)

۽ آتمي ايڪاگر ڪرڻ جي ساڌنا کي سنتن "جيئري مرڻ" سڏيو آهي. تلسي صاحب فرمائين ٿا ته ان اگم پريتم جي ديس ۾ اهوئي پهچ پائي سگهي ٿو جو جيئري ئي مري ٿو ۽ مري وري جيئرو ٿئي ٿو. اهوئي اندر ۾ ان الاهي پريم جي امرت کي جيءَ ڀري پيئي ٿو.

پار اگم آلي دس کو ٻس پون سوئي جاءِ،
جيوت مري ڦرڦر جيوي پي پيو امي اگهاءِ.

(شبداولي ڀاڱو – صفحو ۳)

پريه لال گوسائين ناليِ هڪ وشنو ساڌوءَ سان وارتالاپ ڪندي تلسي صاحب فرمايو ته اهو پرم پتا پرماتما جنهن هن ساري سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي، جنهن انيڪ سوکم چيتن منڊل بنايا آهن، اهو خود منش جي سرير ۾ نواس ڪري ٿو. اهو پنڊ، انڊ ۽ برهمانڊ کان پري آهي پر تڏهن به منش جي بلڪل ويجهو آهي، سدائين هن جي اندر موجود آهي. هن جو گيان صرف سنتن دوارا ئي پراپت ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته سنت ئي آتما کي انهيءَ پد ڏانهن نئي سگهن ٿا ۽ هنن جي رهبري ۽ رهنمائيءَ ۾ آتما انتر ۾ وڃي ان پري پورڻ پرماتما کي پراپت ڪري سگهي ٿي.

جن ني تن ڪا ٺاٺ سنوارا، جيو انس ڪيا پسارا.
ڪيا پنڊ تن رچا بنائي، سات ديپ نوُ کنڊ رچائي.
سو سوامي هئه گهٽ کي مانهين، تا سي جيو سڪل چل آئي.
سو سوامي گهٽ مانهه سمانا، سبهه سنت ني کهت بکانا.
پنڊ برهمنڊ دنوُ سي دوُرا، بسئه پاس رهئه سدا حضورا.
وا ڪا پيد سنت سي پاوئي، چڙهي سرت چن چن ۾ جاوئي.

(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ۲ صفحو ۶۳)

تلسي صاحب وڌيڪ سمجهائين ٿا، "ان هوندي به لون جو منش هنن جي ناليِ سموري سرشٽيءَ جو سرمور آهين، جنهن ۾ پنج ئي تت پوريءَ ريت موجود آهن، هڪ تت

واري پٿر جي پوڄا ڪرڻ تي.[١] لوهين مورتين کي پوڄڻ ۽ پوڄڻ جوڳ سمجهي، انهن جي پوڄا ڪريو ٿا پر نيچ ذات جو سمجهي ڪيترن ماڻهن کي اڇوت ۽ نيچ سمجهو ٿا ۽ هنن سان نفرت ڪريو ٿا. اهي به نه لوهان جهڙا ٿي ڇهڻ ۽ ڇهڻ لائق وارا پرپورڻ منش آهن.[٢] لوهين وڏي ذات پات سان "ٻولي" ندين ۾ اشنان ڪريو ٿا پر اندر من ۾ جمڪي غلاظت ۽ گندگيءَ جا ڍير جاوا پيا آهن، ان طرف ڌيان ئي نٿا ڏيو.[٣]

ڪافي ڏينهن پڄاڻ ٿانپوءِ پريه لال گوسائينءَ جا سنسا دور ٿي ويا ۽ هنکي ٽلسي صاحب جي وچن تي وشواس ۽ پرتيت اچي ويئي. هن پنهنجو گهڙو، رتو چوغو، رود راکش مالها، جڻيو وغيره، اهي ڦٽا ڪيا ۽ ٽلسي صاحب کي نام لاءِ ارداس ڪئي. ٽلسي صاحب هن جو چوغو ڪٽي واپس هنکي پهرايو ۽ مالها ۽ جڻيو هنجي ڳلي ۾ وڌا ۽ کيس سمجهايائون ته پرماتما جي پراپتيءَ جي مارگ ۾ ڪنهن به قسم جي پوشاڪ يا ڀيک جي ڪابه اهميت ڪونهي. اهي سڀ ٻاهرمکي ڳالهيون آهن. سچو مارگ ته اندروني آهي ۽ اهو منش جي اندر آهي. ڪوبه لباس ڌارڻ يا انکي تياڳڻ سڀ بي مطلب ساڌنائون آهن.

ڪپڙا ۾ بدي ستنه هوئي، سنت کي راهه اور بدي سوئي.[٤]

---

١. پانچ تت نر آتم ديهي، ايڪ تت پاهن ڪو سيئي.
(گهٽ راماڻ ڀاڱو ٢ صفحو ٦٦)

٢. پاهن ڪو لم ست بناوو، چيتن ڪو گهر دوس لڳاوو.
(گهٽ راماڻ ڀاڱو ٢ صفحو ٦٦)

٣. اوپر نهائي آچار جو ڪيدها، من اندر ميلا نهين ڇيدها.
(گهٽ راماڻ ڀاڱو ٢ صفحو ٦٦)

٤. گهٽ راماڻ ڀاڱو ٢، صفحو ٨٦.

ذات ڌرم وغيره جي ڀيد ڀاون جي ٽلسي صاحب جن تمام صاف ۽ کلين لفظن ۾ زوردار آلوچنا ڪئي آهي. دنيادار پنهنجي محدود ٻڌيءَ ۽ نظر جي ڪارڻ سنتن جي اُتم ۽ اوچي سکيا کي پنهنجي سوارٿ سبب هيٺين سطح تي آڻيندا آهن. پنهنجي مشهور گرنٿ ”گهٽ رامائڻ“ ۾ ٽلسي صاحب فرمائين ٿا، ”سنت آتما کي شبد سان جوڙي پرماتما سان ميلاپ جو مارگ ٻڌائين ٿا پر ماڻهو اُنهنجي سکيا کي ذات پات جي نڪمي سطح تي آڻين ٿا. مهاتمائن جي سنت مت جي اوچي سکيا ڏين ٿا، اُنهڪي عام ماڻهو شاسترن ۽ ڌرم گرنٿن جا نندڪ ڪري سڏين ٿا ڇاڪاڻ ته هو سنتن جي سکيا جي سچائيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن. سنتن جي اُپديش ۽ گيان سان ڀرپور وچنن تي هو ذرو به ڌيان نٿا ڏين. اهڙا ماڻهو من جي ٻنڌڻن مان ڪڏهن ٿا ڇوٽڪارو پائي سگهن؟ اهي نه مايا ۽ ڀرم جي جار ۾ وڌيڪ ڦاسي پون ٿا.“

سرت ملي شبد ۾ جائي، اهي سب سنتن ڀيد ٻتائي.
سرت ڀيد نهين ڪوجا پائي، جات پنت ڪا بوجهه اُٿائي.
جو ڪوئي سرت ڀيد ٻتلاوي، اُسڪي من ۾ ايڪ نه آوي.
جو ڪوئي ڪهي سنت کي باتا، تا سي ڪري بهت اُتپاتا.
نندڪ تا ڪو ڪر ٺهراوين، ناستڪ مت تاهه ٻتلاوين.
سنت مت کي ريت نه جاني، ڪهي جاڪي پر ايڪ نه ماني.
ڪتني هوئي جيو نروارا، يا ۾ ٻڙهه گيا جال پسارا.
(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢ صفحو ٩٩)

هڪ مهان سنت جي روپ ۾ ٽلسي صاحب جن جي ناموس ڌيري ڌيري اُتر پرديش جي مختلف شهرن ۾ پکڙجي ويئي. اُن سان گڏ ڪجهه ماڻهو اُنهن جي نندا ڪرڻ لڳا ۽ ماڻهن کي ٽلسي صاحب جن وٽ وڃڻ کان روڪڻ لڳا. هو چوڻ لڳا ته ٽلسي صاحب هڪ جادوگر آهي جو وٽس ايندڙ ماڻهن کي پنهنجي جادوءَ ذريعي ڪين اي سند ڪري ڇڏي

ٿو. انهن ۾ چوڻ لڳا، ”ٽلسي صاحب وٽ نه وڃو، هُن جو آدر ستڪار نه ڪريو. هُن کان خبردار رهو ڇاڪاڻ ته هُو پنهنجي منتر جي چار ڦهلائي ماڻهن کي موهي ٿا ڇڏين.“ ❁ پر اُنهن ڳالهين جو اُبتو اثر ٿيڻ لڳو ۽ اهي ڳالهيون ٻڌي ماڻهو وڏي انداز ۾ ٽلسي صاحب جن وٽ اچڻ لڳا.

پلڪرام نالي هڪ نانڪ پنٿي مهنت به ٽلسي صاحب جن وٽ آيو. هو سڌو سادو، نيڪدل ۽ نماڻو انسان هو ۽ جپ جي صاحب ۽ سکمني صاحب جو پاٺ هرروز نت نيم سان ڪندو هو. پر جنهن شبد مارگ جو گرونانڪ ديو ۽ ٻين سنتن اُپديش ڏنو هو، اُن باري ۾ هُن کي ڪا به ڄاڻ ڪانه هُئي. ٽلسي صاحب پنهنجي وارتالاپ ۾ هُن کي سمجهايو ته گرونانڪ جن پرم سنت هئا جي شبد جي الوڪڪ منڊل يا پرماتما جي ڌام مان آيا هئا. هُن اوچي اعليٰ روحاني مارگ جي سکيا ڏني جيڪا ٻين سنتن پڻ ڏني آهي. جپ جي صاحب ۽ پنهنجن ٻين شبدن ۾ گرونانڪ سنتن جي ۽ شبد مارگ جي خوب تعريف ڪئي آهي. نام جي ڏور نه سمجهي اندر آهي پر نام جي ڀيد کي ڪير نه ٿو ڄاڻي. ستسنگ بنا اهو سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي ۽ ستگروءَ بنا هن راز کي ڪير به نٿو پروڙي سگهي. سري آد گرنٿ ۾ ديهه سروپ ستگروءَ جي ضرورت لِي بار بار زور ڏنو ويو آهي. گرو بابا نانڪ پڻ چوٿين لوڪ جي مهما ڪن ٿا جو برهم ۽ پار برهم کان مٿي آهي، پرلئه ۽ مها پرلئه جي پهچ کان ٻاهر آهي. اهي سرت يا آتما کي شبد سان جوڙڻ جو مارگ ٻڌائين ٿا، سوکم ۽ ڪارڻ منڊلن کي پار ڪري سچکنڊ ۾ پهچي ست پرش ۾ سمائجڻ جو اُپديش ڏين ٿا.

❁ گهٽ راماڻ ڀاڱو ٢ صفحو ١٠٣.

صاحب نانڪ سنت ندانا، جو ڪڇ ڪهن ڪو پرمانا.
خود صاحب نانڪ مک باني، ڪهي اگر ڪوئي جهلا جاني.
وي پهچي چڙهه سرت نساني، شبد ڦوڙ گئي اگر ٺڪاني.
وي سوامي گت اگم اپارا، تلسي بعدي پارنمارا.
(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢ صفحو ١٢٤)

نام ڏور سب ڪي ماهين، نام ڀيد ڪوئي چينهٺ ناهين.
گرگن سرگن نام بتاوي، ستنام ڪي مرم نه پاوي.
بن ستسنگ سمجهه نهين آوي، ستگر بنا راهه نهين پاوي.
چوٿا پد ستنام بسيرا، واهه گرو ڪا وانهي ڏيرا.
(گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢ صفحو ١٢٩)

پلڪرام کي سمجهائيندي تلسي صاحب فرمائين ٿا ته پنهنجي اندروني روحاني ياترا ۾ آتما امرت جي سروور يعني امرتسر ۾ سنان ڪري ٿي ۽ امر ٿي پوي ٿي. اهو سروور ٻين روحاني منزلن کي پار ڪرڻ سان اچي ٿو. ٻين سنتن ان کي مانسروور سڏيو آهي. اهو امرت جو سروور صرف ستگروءَ جي ڪرپا ۽ سهائتا سان ئي پراپت ٿئي ٿو.✤

جڏهن ته سنتن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ ”امرتسر“ ۽ ”مانسروور“ جو ذڪر ڪيو آهي ته سندن اشارو اندر جي ان سروور ڏانهن رهيو آهي. ٻاهر جو پاڻي ڪٿي ڪيترو به پوتر چونه هجي، اسانجي ٻاهن جي ميل کي ڌوئي نٿو سگهي.❀

ماس آهار جي چرچا ڪندي تلسي صاحب پلڪرام کي چون ٿا ”سڀني سنتن ديا ۽ اهنسا جي گڻن جي واکاڻ ڪئي آهي. ڪنهن به جيو کي معمولي چوٽ پهچائڻ کي به هنن بي رحمي ۽ ظلم ڪيو آهي. سنت مت ۾ سڀني ستگرن ۽ سڀني سنتن جيو هتيا ۽ ماس آهار کي برو سڏيو آهي ۽ انجي

✤ گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢ صفحو ١٣٧-١٤١.
❀ گهٽ رامائڻ ڀاڱو ٢ صفحو ١٣٧-١٤١.

Scanned with CamScanner

جمع ڪيئي آهي. ....شري آدي گرنٿ غور سان پڙهي ڏسو، گرو صاحبن جيو هتيا ۽ ماس آهار کي ڪٿي به جاءِ نه ٺهرايو آهي. ....نانڪ صاحب وڏا دياالو ۽ ڪومل چت وارا هئا، اُنهن جيو هتيا جي اجازت ڪانه ڏني آهي.☼

نانڪ صاحب ٻڙي دياالا، جيو هتن گرنٿن نهين ڀالا.
اِهي سڀ رهت سواد ڪي لاري، سوارٿ جيها پيٽ سواري.
ڪهي ديا سنت ڪي رهتي اِهه ڪس ڪري مڪت پرتيتي.
نانڪ گرنٿ ۾ نهين ٻکالا، سبد ماس نهين ڪهين ٻڌانا. ■

سڀني سنتن جي سکيا حقيقت ۾ ساڳي آهي. اِهي سڀ ”پرماتما جي ان بادشاهت“ جو ذڪر ڪن ٿا، جا اسان جي اندر ۾ آهي. سنت اُن جي پراپتيءَ جي راهه ٻڌائين ٿا ۽ اُتي وڃڻ جو طريقو سيکارين ٿا. اهي ٻين سنتن کان ڪا ٻي نرالي سکيا ڏيڻ جي هام نٿا هڻن. پر انهن جي وڃڻ کانپوءِ سندن شش ڌيري ڌيري هنن جي مول سکيا کي ڀلائي ٻاهرمکي ڪرمن ۽ رواجن ۾ اُلجهي ٿا پون. هنن جي نرمل روحاني سنديش کي ٻاهرين رهتين رواجن ۽ ڪرم ڪانڊ جو روپ ڏيئي ٿا ڇڏين. اَصلي راز (گريءَ) کي ڇڏي ڇِلڪن کي ڪٺي ڪرڻ ۾ لڳي ٿا وڃن.

تلسي صاحب جي سنسار ۾ اَچڻ کان اڳ، پراچين سنتن جا پوئلڳ پنهنجي ستگروءَ جي مول سنديش کي ڀلائي پنٿ ٺاهي ويٺا هئا. ڪبير، دادو، پلٽو، دريا وغيره سنتن جا پوئلڳ پاڻ کي ڪبير پنٿي، دادو پنٿي، پلٽو پنٿي، دريا پنٿي جي نالن سان سڏائيندا هئا.

تلسي صاحب جن بلڪل صاف اکرن ۾ چيو آهي ته هُو ڪو نئون مارگ ڪونه ٻڌائي رهيا آهن بلڪ اِهائي سکيا ڏيئي رهيا آهن، جيڪا ڪبير صاحب، نانڪ صاحب، دادو صاحب

☼ گهٽ رامائڻ ڀاڱو ۲ صفحو ۱۴۷–۱۵۳.
■ گهٽ رامائڻ ڀاڱو ۲ صفحو ۱۴۷–۱۵۳.

ٻوڙي ٻين سنتن ڏني هئي. پنهنجي ان ڪٿن جي تائيد ۾ ٽلسي صاحب پنهنجي "گهٽ راماڻ" ۾ ڪبير، رويداس، دادو ۽ ٻين سنتن جي شبدن جا مثال پيش ڪن ٿا. ٽلسي صاحب پهريون دفعو سڀني سنتن جي سکيا لاءِ "سنت مت" لفظ جو پرَيوگ ڪيو ۽ ان ريت مختلف سنتن جي سکيا جي ايڪتا ۽ سمانتا کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ٽلسي صاحب جن ڪانپوءِ سوامي جي مهاراج جن پڻ سنتن جي سکيا لاءِ "سنت مت" لفظ کي ڪم آڻيندا رهيا. اهڙيءَ طرح اُنهن ٻنهي مهان سنتن سڀني سنتن مهاتمائن جي سکيا کي برابري واري سطح تي آڻي هڪ ئي ناليءَ سان سڏڻ لڳا.

ٽلسي صاحب جن جي پستڪن ۾ شبداولي، رتن ساگر، گهٽ راماڻ ۽ هڪ ننڍڙو اَڻپورو پستڪ پدم ساگر آهي. شبداوليءَ ۾ ٽلسي صاحب جن جون ننڍيون رچنائون، پد ۽ شبد وغيره سنگرهه ڪيل آهن. اُنهن مان گهڻا پد، سنگيت جي اَلڳ اَلڳ راڳڻ تي ٻڌل آهن ۽ سنت مت جي اَلڳ اَلڳ پهلن تي روشني وجهن ٿا. گهٽ راماڻ ۽ رتن ساگر وارتالاپ جي نموني ۾ لکيل آهن. اُهن ۾ ٽلسي صاحب ششن ۽ جگياسن جي سوالن جو سماڌان ڪن ٿا. گهٽ راماڻ ۾ ٽلسي صاحب جن جي زماني ۾ هلندڙ مختلف ڌرمن جي سدانتن جو ذڪر ۽ سنت مت جي اَنوسار اُنهجي وياکيا ڪيل آهن. رتن ساگر ۾ سرشٽيءَ جي رچنا، سرڳ ۽ نرڪ، ڪال، من، ڪرم، موت، سنتن جي سکيا، سنتن جي ديا، اَندر جا ڀيد وغيره مضمونن تي روشني وڌل آهي. ٽلسي صاحب جن جي سڀني رچنائن وانگر رتن ساگر ۾ پڻ پوري ستگروءَ جي مهما، ستگروءَ جي ضرورت ۽ اُنجي ستسنگ جي فائدن تي ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. موت وقت سنت ڪهڙيءَ ريت پنهنجي شش جي آتما جي سنڀال ڪن ٿا، رتن ساگر ۾ اُنجو پڻ ڪليل لفظن ۾ ورنن ڪيو ويو آهي.

تلسي صاحب جي رچنائن ۾ سنسڪرت، عربي ۽ فارسي لفظن جو ڪافي استعمال ڪيل آهي. تلسي صاحب جن جي زماني ۾ ڏکڻ هندستان جي ڪيترن ڀاڱن ۾ فارسي راڄ پاشا هئي تنهڪري پيشوا پرهوار سان سنبنڌ هئڻ سبب تلسي صاحبن کي فارسيءَ جي ڪافي ڄاڻ هوندي. ٻيو ان سان گڏ سندن پستڪن ۾ برج، اوڌي، مرهٽي، راجستاني (مارواڙي)، گجراتي، پنجابي ۽ مٿلي اکر ڪم ۾ آندل آهن. ان مان صاف ظاهر ٿو ٿئي ته هنن ٻين سنتن وانگر پڻ اتر پرديش، راجستان، گجرات، پنجاب، بهار وغيره ۾ لڳاتار ياترائون ڪيون هونديون. پر سندن دائمي رهائش هاٿرس شهر جي جوڳيا گانءِ جي هڪ ڪٽيا ۾ رهي. هتي پاڻ پنهنجي آخر سمي تائين رهيا ۽ سنه ١٨٤٣ ۾ ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ جوتي جوت سمايا.

تلسي صاحب جن جي ٻاڻي سڌي ۽ سرل هوندي به گوڙهي ۽ گيان ميه آهي. ٻاڻي سندن سکيا ۽ ڀاونائن کي پرگهٽ ڪرڻ لاءِ ذريعو هئي. ڇند ماترا ۽ النڪار سندن ٻاڻيءَ جو مکيه حصو نه هئا. پوءِ به ڀاونائن جي گهرائيءَ ۽ چوڻ جو نرالو ڍنگ ۽ النڪارتا وغيره سندن ٻاڻيءَ ۾ ڪافي ماترا ۾ موجود آهن. سندن ٻاڻيءَ جا پد آتمڪ رس ۽ مٺاج سان ڀريل آهن. انهن مان ڪيترا تلسي صاحب جي زماني ۾ عام لوڪ گيتن جي ڌنين ۾ ڳاهيا ويا آهن. پريو پريم ۽ برهه جا هنجا شبد ڀاو پريا ۽ دل کي ڇهندڙ آهن ۽ روحاني انڀوَن سان سنبنڌ رکندڙ، اتساهه ۽ آنند سان ڀرپور آهن. هنن جي بي خوف ۽ صاف ٻاڻيءَ ۾ ٻاهرمکي ڪريائن، ڪرم ڪانڊ وغيره جي بلڪل کليءَ طرح آلوچنا ڪيل آهي. پر سڀاوڪ نمرتا ۽ ڪافي ماترا ۾ پريم ڪارڻ اها نهايت رسيلي، مٺي ۽ ڪومل بڻجي پيئي آهي.

ٽلسي صاحب جي باڻيءَ مان ورتل
ڪجهه چونڊ شبد

١. گرو مهما

هي شبد ٽلسي صاحب جي گهٽ رامائڻ مان کنيل آهي. ان ۾ نهايت نمرتا ڀريل لفظن ۾ هن پنهنجي ستگروءَ جي وندنا ڪئي آهي. ستگروءَ جي چرنن ۾ پرارٿنا ڪندي، هو چون ٿا ته ستگروءَ اندر جو ڀيد ۽ آنند بخشيو، جنم مرڻ جي ڦاسيءَ کي ڪاٽيو ۽ هر طرح سنڀال ڪئي. اهي سڀ نعمتون ستگروءَ جي شرڻ وٺڻ سان پراپت ٿيون. سچ ته اهو آهي ته ستگروءَ جي چرنن جي شرن پراپت ڪرڻ جي شڪتي به ان جي ديا مهر سان ملي.

پرٿم بندئون ستگرو سوامي، ٽلسي چرن سرن رت ماني.
پني بندئون سنتن سرناٺي، جن پني سرت نرت درسائي.
چرن سرن سنتن بلهاري، سرت ڏيکي لکن سهاري.
سرن سروُر صورت سمجهائي، ستگر مور مرم لک پائي.
مٿن مٿهين ڏيکن دِل ڏيکا، سنت سرن ستگر ڪو چينها.
ستگر اگم سنڌ سکدائي، جن ست راهه ريت درسائي.
پن پن چرن ڪنول سرنائون، ڏيکن هوهه سنتن گت گائون.
ڏين جان ڏيکي موهه آنکي، مٿن ٿن چرن سرن ڪهه ڀاکي.
مٿن ٿو چرن ڀاو چت چيرا، موهه پت آڌم جان ڪئه هيرا.
مٿن ٿو پرڀات پريت داس ٿمهارا، سنت بنا ڪوئي پاوي نه پارا.
سنت ديال ڪرپا سکدائي، ٿمهاري سرن آڌم ٿر جائي.
آد نه انت سنت بن ڪوئي، ٽلسي ٽيڪ سرن ۾ سوئي.
جو ڪڇ ڪرنهِ ڪرنهِ سب سنتا، سنت بنا نهين پاوي پنٿا.
موري اشٽ سنت سرلي سارا، ستگرو سنت پرم پد پارا.

Scanned with CamScanner

ستگرو ستپرش اوناسي، راھ ڏيکن لک ڪاني ڦاسي.
ڪنول ڪنج ستگر پد باسي، سورت ڪين ڏين نہ داسي.
سورت سرت نرت آد اپنائي، ستگر چرن سرن لَوَ لائي.
بار بار ستگر بلهاري، تلسي آدم آڏ ناھين ڀاري.
بندئون چر اَچر سمانا، جانھ تلسي داس لدانا.
منِ ڪنڪر ڀر ڏيا ڀارا، الهت پريي ڪرھ هِت سارا.
سب ڪي چرن بند سر نائي، ڀريي لار لڻ ڀرت جنائي.
تم ڀرلي پول بند اَس گائي، بار بار چرن سر نائي.
پُن بندئون ستگرو سم پاوا، جنسي وست اگوچر پاوا.
ستگرو اگم اَروپ اَڪايا، جنڪي گت مت سنتن پايا.
ستگرو ڪي ڪس ڪرهون بڪاني، سورت ڏيکهي اگم نساني.
لک لک آلک سرت الڳالي، ست ڪرپا ستگر سهدائي.
سرت سنڌل پيل رس رالي، ستگرو ڪنج پدم مد مالي.
تلسي نہ ڪڇ نهين جانھ، ستگر چرن سرن رت مانھ.
سرت ستگرو ڏيکهه جنائي، لت نت چڙھ گگن ڀرڏائي.
سنڌل ڪري ڀرهمانڊ نهارا، ڏيکنھ آد انت پد سارا.
ترڪا آد انت مڌ ماهين، سوھ سوھ تلسي پاک سمائي.
پنڊ ماهين برهمانڊ سمانا، تلسي ڏيکا اگم ٺڪانا.
پنڊ برهمانڊ مين آد اگاڌا، پيلي سرت الک لک ساڌا.
پنڊ برهمانڊ اگم لک پايا، تلسي ترک اگاڌ سمايا.
پنڊ ماهين برهمانڊ دکانا، تاڪي تلسي ڪري بکانا.

پنڊ ماهين برهمانڊ، ڏيکا نہ گهٽ جوھ ڪي.
گر پد پدم پرڪاس، ست پرڪاس اسٿان ڪر.
بوجهي ڪوھ ڪوھ سنت، آد انت جانين لکي.
ڀرچہ پرم پرڪاس، جس اَڪاس اَمبر چڪي.

(گهٽ رامائڻ پاڱو ١ صفحو ٨-١٠)

Scanned with CamScanner

٢. پرارٿنا

هتي تلسي صاحب پنهنجي ستگروءَ کي چرڻن ۾ شرڻ ڏيڻ لاءِ پرارٿنا ڪن ٿا.

بار بار بنتي ڪرون ستگر چرن نواس.
ستگر چرن نواس پاس موهه ديهه لڳائي،
نت نت ڪرون بلاس پاس گهر اپني آئي.
مَن اَت پَت مَت هِين دِين ديکا موهه سائين،
ليها اَلک لکائي، کهون اَس ڪَون بڙائي.
تلسي مَن اَت هين هون ديکها اگم اَواس،
بار بار بنتي ڪرون ستگر چرن نواس.

مَن اَلي ڪنل ڪرال هون بار بار سرناءِ.
بار بار سرناءِ، چرن ڌر ڌارون ڌُوريِ.
ستگر ڪي بلهار ڏين ست گت مت ٻوري.
آد انت گت مول ڦول پت ڪنول لکائي.
ڪيها اگم نواس پاءِ گهر اپني آئي.
تلسي نرک نهال هوءِ پرڪاش نج گهر پاءِ.
مَن اَت ڪنل ڪرال هُون بار بار سرناءِ.

(شبداولي ڀاڱو ١ صفحو ٤٠)

٣. اندر جي جهلڪ

هن شبدن ۾ آتما جي چڙهائيءَ جي شروعات جو بيان ڪيل آهي. ٻنهي اکين جي ٻريان، وچ ۾ آتما اُڀياس جي وقت ايڪاگر ٿئي ٿي، اندر اَنيڪ قسمن جو پرڪاش ڏسي ٿي ۽ مڌر ۽ رسيلو شبد ٻڌي ٿي.

اَندر دُرگن ۾ دمڪي دامني، چمڪي چند اُجياس رِي.
الک پلڪ پر جهلڪ دکاني، لاڳي لگن ٻنهي پياس رِي.
سرون سبد سن الهد باجي، گيان ڌمڪ پرڪاس رِي.

سيام بدريا چمڪڻ لاڳي، ٽڪ پون ٻهو پاس ري.
ٻوُر سٻي ٽل لپ ڪي دواري، تلسي ٽڪت نواس ري.
(شبداولي ڀاڳو ٢ صفحو ٣٨)

گگن لي گمٽ ٻر غيب ڪا چاندنا،
ستت بن ڀيد نهين هاٿ نهين آوي.
حد ٻيحد ڪي پار ٻرچا ملي،
هوءِ لج هنس سوئي محل پاوي.
اَمرٻور باس جهه لهين جم ترس هئي،
ڪال ڪا امل ٻل ناهين جاوي.
داس تلسي حضوُر دربار هئي،
الک اوُر خلق دوءِ نهين آوي.
(شبداولي ڀاڳو ١ صفحو ٨)

٤. شرير ۾ سار وَستو سمايل آهي

تلسي صاحب فرمائين ٿا ته سار وستوءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ پنڊت شاستر ۽ ويد پراڻ پڙهڻ تي زور ڏين ٿا. ونراڳي ۽ سنياسي پرماتما کي پائڻ لاءِ دان پنج، اپرت پاترا، ورت، تدين جو اشنان وغيره ڪرم ڪانڊ ۽ ٻاهرمکي ڪرياءُون ڪرڻ لاءِ چون ٿا ٻر پرماتما اَسانجي اَندر آهي. تلسي صاحب فرمائين ٿا ته هوُ صرف شرير اَندر ئي ملي سگهي ٿو. اها سچائي صرف سنت ئي ڄاڻن ٿا.

تن ۾ لت مول سمانا سب کوجت بيد پرانا ري.
١. پنڊ لس ۾ برهمانڊ بکانا پاکت سنت سجانا،
پرمهنس بئراڳي گوسائين سب ديونديت پيش ڀلانا ري.
٢. رشي مني اوڌوت ملي سب پاکين ساستر پرانا،
ناهين ڀول ٻري جڳ پنڊت سب ڪرڪر ڪل اڀمانا ري.
٣. تيرت برت ٻن دان دڙهرايا دنيا دل اَرجهانا،
ڪر اسنان مهاتم ڀاڪا سب تا ئي ليت ڪذانا ري.

٤. ٻُڌڻ ڌرم ڪرم ڪر ٻُوڙي لڳي نہ ايڪ ٺڪانا،
ٻھ گت جگت جيوَ چوراسي ٻول ٻري سب کانا رِي.
٥. تلسي انت سنت ڪوئي پاوي جوڻا جگ جيو جانا رِي،
پنڊت پيش ٽيڪ مد ماٽي ٻھ سب قتل قلانا رِي.
(شبداولي ڀاڳو ٢ هولي صفحو ٢٣)

٥. منش شرير

منش شرير جو ملڻ هڪ بي بها ۽ اَنوکي نعمت آهي. هن منمڪ جامي لاءِ ديوتائون بہ ترسن ٿا. چاڪاڻ جو منش چولي ۾ ئي آتمڪ اُنتي ڪري سگهجي ٿي ۽ ديو جونيءَ ۾ نہ. پُن ڪرم ڪرڻ سان سرڳ ملي سگهي ٿو پر اُتي بہ اَبناسي آنند نٿو ملي سگهي. اُن مان صرف ٿوري وقت لاءِ ڏکن مان ڇوٽڪارو ملي ٿو. پُنن جو ڦل ماڻڻ کانپوءِ وري نرڪن ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ اَچڻو پوي ٿو. "صرف منش شرير ۾" تلسي صاحب فرمائين ٿا تہ "آواگون مان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ يتن ڪري سگهجي ٿو."

ڀھ تن دُرلڀ ديو ڪو سب ڪوئي ڪهت پڪار،
سب ڪوءِ ڪهت پڪار ديوَ ديهي نهين پانوي،
اَئسي مورک لوگ سوَرگ ڪي آس لگانوي.
پن ڇين سوءِ ديو سوَرگ سي نرڪہ آنوي،
پرمہ چارون کان* پن کهي ٽاهہ رجهانوي.
تلسي تن من تت لکہ سوَرگہ پڙ کروءِ ڪکار،
ڀھ تن دُرلڀ ديو ڪو سب ڪوئي ڪهت پڪار.
(شبداولي ڀاڳو ١ صفحو ٣٧)

٦. ستسنگ

هيءَ "رتن ساگر" جو اَنگ آهي. هن ۾ تلسي صاحب

---

* چئن پرڪارن جا جيوَ - اَنڊج، جيرج، سويدج ۽ اُدڀج.

۽ هردي جو وارتالاپ آهي. هردي تلسي صاحب جو شش هو. هردي تلسي صاحبن کان ستسنگ جي ٻاري ۾ انيڪ سوال پڇي ٿو: جهڙوڪ ستسنگ مان ڪهڙو لاڀ آهي؟ نظر اچي ٿو تہ ماڻهو ستسنگ ڪن ٿا پوءِ بہ هنن کي انهيءَ پورو لاڀ ڇو ڪونہ ٿو ملي؟ هنن کي ڪهڙيون رنڊڪون اچن ٿيون جنهنڪري هو ستسنگ جو لاڀ وٺي نٿا سگهن؟ تلسي صاحب گهڻيئي مثال ۽ درشٽانت ڏيئي انهن سوالن جا جواب وستار سان ڏين ٿا.

هردي باچ-

هي سوامي اس اس کوہ کهيا، ستسنگ کر هم ڪڇ نہ پئيا.
ستسنگ ڪرت بهت دن بيتي، ديکا نہ نجر ننين سي پرتيتي.
بهہ ستسنگ کس کس گوهراوا، واکي لو ڪڇ هاٿ نہ آوا.
ياکا پرم پيا من ماهين، بهہ سسنہ سوامي سمجهائين.
کئسي من نے من کو روکا، ياکا سمجهہ مئائو دوکا.
ستسنگ کي مهما کهنہ پاري، کهو جو سمجهہ پرءِ آڌکاري.
کهو جو کها کؤن ان کينا، ستسنگ سي ان لاڀ نہ لينا.
کيون کر کي ستسنگ نہ پايا، کئسي واکو بوڌ نہ آيا.

تلسي صاحب باچ-

تلسي داس کهي سن پائي، تو کو بچن کهون سمجهائي.
جيو انادي کال سي آيا، جنم جنم کرم کيٽ⊠ لگايا.
لوها کو ڪائي کا جاوي، کيڙا لگہ کاٽ گهن جاوي.
جئسي اصل سروهي☀ هوئي، لگي مورچي مالهہ ہگوئي.
جئسي اولا گهل پاني هوئي، اس جو آپ اپهو کوئي.
کرم کرال بڙا آڌکاري، سرت پر من کرہ سواري.

⊠ کٽ.

☀ سروهيءَ جي تلوار مشهور هئي انڪري هتي سروهيءَ جي معنيٰ آهي تلوار.

ٻش ٻهڏن من ڪره ٻهارا، ڳالت ٻانڌ ڇيتن جڙ ڌارا.
من ملين سڌ ٻڌ هراڻي، ڪهه وهه سنت سنگه ڪو ڪا جاڻي.

جئسي اپڙهه اگيان جسو، ٻڙهي جو ٻوٽي جاءِ ॥
اچر ڪي سڌ ٻڌ نهين، نهين آس ارٿ ٻرياو.

ائسي اَن سٿسنگت ڪينهَا، ٻسوجن لوڀ مانهين مسن ڏينا.
جب لگ سواد ملا من مانهين، تب لگ سنگ ڪرا اَن جائي.
راهه رڪانا ايڪ نہ ٻوجهي، ڪهو ڪئسي آڪين سي سوجهي.
ٻري ٻيت جو ڪاٻسہ اگهائي، سووهه سٿي سالڄهه سي جائي.
ٻٿني ڳال ڦناڪا ماري، من موڄي ڪو ناهين سمهاري.
جنم جنم ڪا اَرجها سوُتا، ڪو سرجهاٻه سڪئه مجهوُتا.
ڪرني ڪرڻ آپ ڪي سوئي، ڪي ستگر ڪي سرڻہ هوئي.

ڪي اَهني ڪرني ڪري، ڪي گر سرن اَٻار ॥
دونسون ۾ ڪوهه ايڪ نهين، ناحق ڦرت لبار.

ڌانوان ڌول ٻول من ڪمرا، سو ڪيا ٻاوي جيو نٻيرا.
سنت چرن ٻر ٻريت ٻڙهاوي، تو اَن سي اَٻڪاري ٻاوي.
ڏڻ ڏيکہ ڪي ڪرڻ نٻيرا، جو ڪوهه سالڇي من سي هيرا.
سنتن ڪو ڇهب ٻسڙ ٻاتا، ڇل ٻل داوَ چلاوڻ هاتا.
جو ڪرنسي ۾ ڏيکن چاوي، ٻٿڪت جنم نظر نهين آوي.
اَنڪي رٻت رڪالسي ٻاري، تڻ ڪا جاسي ڇينهه اَناري.
ٻيد ٻيت اَنڪو گسوهراوي، اَوتاري ڪوهه ٻيد نسہ ٻاوي.
ٽرڌوا نهين ٻاوڻ اَنتا، ٻرک نہ ٻرڻ لسکن ۾ سنتا.

جو ڪوئي ڪهئہ سنت ڪو چينها، تلسي هات ڪان ٻر ڏينها.
ڪوهه ڪوهه سڄن هٿہ ٻڙ ٻاگي، جن ڪي سرت چرن ۾ لاگي.
وي ٻرکسي گت اگم سيهي، جو متيا جگ جاسي ڏيهي.
ڦر ٻسوت جگہ ماهين گهيري، سو ڪا جائي جم ڪي چيري.
هردي موسي ڪهي لسہ جائي، يهه جوَ ڪنل ٻسڙا اَلپائي.

جو پاٽي ڪري ڏرسائون، تو جڳ ڪاغذ سياهي نه پائون.
ان آپي سڌ ڪمهوُ نه پائي، آد اؤر انت رهيو ڀرمائي.
ڪوٽي جنم ڪرم ڪر بيتا، ايسي رها هات سي ريتا.

هردي ٻاچ -

هي سوامي جو ستسنگ پاوي، انڪو ڀرم ڪهو ڪس آوي؛
يهه موري من ڀيا وچارا، سو سوامي ڪهيي نربارا.

ٽلسي صاحب ٻاچ -

هردي، اُن ستسنگ نه ڪيا، اندر ڇُيڪ* ناهين رس پيا.
جيون پاني پاهن پر ڍارا، اوپر گيل سوکه ووهه بارا.
اندر هٽا گيل نهين پائي، ڪهو سوڪي نهين ڪها ڪرائي.
جيون مصري پاني ۾ ڍالي، مصري گهل پاني رس چالي.
پاني مصري اڪ رنگ راتا، جل ميٺا مصري ڪي ساتا.
گهلي منائي جل ڪي ماهين، سو سربت ميٺا ڀيا پائي.

جل مصري ڪوئي نا ڪهي سربت نام ڪهاي،
يون گهل ڪي ستسنگ ڪري ڪاهي ڀرم سماي.

(رتن ساگر صفحو ۲۲-۲۴ ۽ ۱۱۴)

ٽُلداس، رئيداس ۽ گدوان ڪي ستسنگ جي مهما جو ورنن ڪندي ٽلسي صاحب گهٽ رامائڻ ۾ لکن ٿا -

ڏوڪي سب جڳ پچ مُوئا، پوڄا ليي آچار؛
ليرٿ برت وِدي ڀرم سي، پُڳتت ڪانِ منجهار. ۱
بيت جنم ستسنگ ڪرت، اؤر سرڻ نه اڪهُ ڪاج؛
پلڪ ماهين ستسنگ ملي، سري جيو ڪهه ڪاج. ۲
پل مهما سن ڪهت هين، مک سي بارمبار؛
پل ست سنگت مڪتي جو، ڪوجت ناهين گوار. ۳
سات سرگ اپورگ ڪي، مهما ملي نه تاهه؛
اس ستسنگ ڪاليا، پل ۾ مڪتي سماه. ۴

---

* ٽپي لڳائي.

ڪرت ڪرت جنمه ڳيو، نت نت سننگ سات ؛
وو سٽ سنگت ڪؤن هئه، مڪتي جو آوه هات. ٥
وو سٽ سنگت اؤر هئه، تلسي اگم اپار ؛
سنت سرت سٽ لوڪ ۾، مڪتي ٿهان ڀنڊار. ٦
وو سٽ سنگت سنت ڀگت، جگت ڀيش نهين ڀيد ؛
ڀي اُپيد سٽسنگ ڪو، مڪتي چرن ڀد ليت. ٧
مڪتي مڪتي ڀوُليت ڦرڻ، ڀيش جگت سڀ جهار ؛
سمپاسن چت سنت ڪر، سنت چرن ڪي لار. ٨
سنت مڪتي نهين آدرهِ، اؤر ڦِره سنت ڪي لار ؛
سنت اَگم رس ليت هئه، جنهن ڀهچ نه مڪتي ٻچار. ٩
جيون جوهري هيرا گهي، ڀاهن گهنه گنوار ؛
هر هيرا سنتن لکا، ڀاهن مڪتي اسار. ١٠
جيون دڌ ڀيتر گهرت ڪو، مت ڪاڙهه ڪوئي سنت ؛
چاڇ مٺا جگ ڪو ڏيو، ڀاوه نه گهرت مت انت. ١١
مڪتي مڪتي مالڪت ڦره، جگت ڀکاري ڀيش ؛
جن ماڪن مت ڪاڙهيا، مٺا رلڪ ڪو ڏيت. ١٢
سنت مڪتي مالڪ نهين، مالڪه جگت اجان ؛
سنت درس مڪتي لره، ڦره سنت ڪي لار. ١٣
گهڻه سٽ سنگت سنت ڪر، مڪتي لکاوه حال ؛
اڄر درشٽي جيوت لکه، ڇوُٽه ڀٽه ڀرم جال. ١٤
بيد مٿا ڀو جال هئه، ساسٽر سمرت ڀران ؛
ڀي انڌ قيد هئه ڪال ڪه، سنت چرن چت آن. ١٥
(گهٽ رامائڻ ڀاڳو ٢ صفحو ١٠٦-١٠٧)

٧. سٽگروءَ جو اُپڪار

تلسي صاحب هتي سٽگروءَ جي اُپڪار جو ورڻن ڪندا. ڦرڳيو روز مره جي زندگيءَ ۾ ڀر اندر روحاني ڀاڳرا ۾ ٻه ستگرو سدائين پنهنجي شش جي سنڀال ۾ رکيا ڪن ٿا.

(١)

آري ڏيک نهار ٻچار ڪرو، گر گيان ٻنا ڪوءِ ٻات نه پاوءِ،
ستسنگ ڪي سنگ ۾ رنگ ملئي، سرت سنڌل نواس اڪاس ڏکاوءِ.

(٢)

ڏيپ ٻلاس ڪي آس ڪرءِ، سوءِ سنت ٻنا ڪوئي ڪام نه آوءِ،
ٿلسي ڇن ۾ ٿن چار ملئي، سوئي ڏوار گر گهر ٻاس ٻتاوءِ.
(شبداولي ڀاڱو ١ صفحو ۴۷)

جو ڪوءِ ستگر ڇيٿيا، جن ڪا اَگم ٻچار،
جن ڪا اَگم ٻچار، مار اَن ڪال نڪارا.
وي ڪهه هوئي ڏيال، اؤر ڪا ڪاج سنوارا،
ڄُگن ڄگن ڪي ڀُؤل، سؤل سب ڪاڙهه نڪاري.
ڏينا ڀيد لکاءِ، سار ڪر سرت سُڌاري،
وي ڏيال جڳ جڳ ڪهنٿ، ٿلسي نيچ نڪار.
جو ڪو ستگر ڇيٿيا، جن ڪا اَگم ٻچار.
(شبداولي ڀاڱو ١ صفحو ۴۰)

٨. ڪرمن جو چڪر

انسان جي ڪرمن جو چڪر لڳاتار هلندو رهي ٿو. انسان جيڪي ڪرم ڪري ٿو ان مان ايندڙ جنم واسطي پرالبڌ ۽ سنسڪار ٺهن ٿا. ٻيو جنم وٺڻ ڪاڻپوءِ وري ڪرم ٺهن ٿا ۽ انهن ڪرمن سبب اڳيان ايندڙ جنم لاءِ پرالبڌ ۽ سنسڪار ٺهن ٿا. اهڙي طرح ڪرمن جو سلسلو ڪڏهن به ختم نٿو ٿئي. ڪرمن جي ان ڀيانڪ چڪر مان ڇوٽڪارو صرف پوري ستگروءَ جي اپديش انوسار هلڻ سان ٿي سگهي ٿو.

ڪرم پرڌان اُڌي اپجائي، رهه سُڀ اَسڀ ڪرم ڪي ماهين.
جس جس ڪرم ڪينهه اڌ ڪارا، جو جس جون ٻند ۾ ڌارا.
جو جس ٻيج ڪيا ٻنپاري، ڏکه سکه هاني لاڀ سنگه چاري.
جو آسا ٻس ٻيج ٻچارا، ٻها ڀؤ سنڌ چوراسي ڌارا.

ڪاڻِ ڪاڻِ ڪرني سي ڪايا، ڦٽلي ٻرگت سرشٽي ۾ مايا.
اُٻجي مري ڏري ڦر ڏٺهي، جو جس ڪرلي ڪي ڦل ليٽي.
اِڪ چوراسي رهيو اَچينا، اسرلن ۾ ٻرلا ڪوءِ چيتا.
سنتگر ساک سمجهه ڪوءِ ٻوجهي، اُلجن لمر آکہ جب سوجهي.

ٻن ستگر اُپديش سُر نر مُن نهين لسنري،
ٻرهما وشڻو مهيس اڙر سڀن ڪي ڪو گني.

(رٽن ساگر صفحو ٧)

اُري لن ٻگ ٻمور من جگن جگن ۾ ڪٽن جگت ڪوري رنگ.
جيون ڪپ ڏور ٻانڌي ٻاجيگر ٻڪڙ نچاوي ڪرم قلندر سنگ.
ٻلڪت ڪلپ ڪايا سنگ
اُڙت رسن ڪو جيون ٻن ڏور پتنگ.
ڪَٽڪ ڪال ديال گُرن ٻن ٻکت گجب ٻه نهين ٻس هوت اُپنگ.
جنم جنم جگ ٻوگ وشيہ ٻس ٻلڪ ۾ مايا ممت ترنگ.
آسا ٻدن ٻاس لن ڏارن ڪرت ڪرم ٻس ڦر ڦر ٻاوت انگ.
ٽلسي مڪت مانسرور ۾ هنس روپ هوءِ ڪر ستگر ستسنگ.

(شبداولي ڀاڱو ٢ صفحو ١١٥)

٩. سنسار ۾ ڪجهه ٻہ ٻقا ڪونهي

سنسار ۾ ڪاٻہ وستو دائمي ۽ جٽادار ناهي. سڀ رڱو اکين جو لماشو آهي. ستگروءَ ٻنا ڪوٻہ اَجهو آسرو ڪونهي. سارو سنسار ڪال جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو آهي. جن ستگروءَ جي شرن ٻڪڙي آهي، اُنهن جو هن ڀو ساگر مان نيتارو ٿئي ٿو.

ديکا جگت پسار لار ڪيچ چلتہ نہ پائي،
ڏاهہ ڏاهہ سڀ مر ڏنتہ ڪو ڏاوءِ جائي.
ٻران لڪر جب جاٻہ نهين سنگ کرچي ليها،
اري هان ري ٽلسي الک ٻراجگہ الڏيار سنت سنگہ کبهون نہ ڪيها. ١٨
جم ٻڙ جمر ڪرال چال ڪوءِ لکتہ نہ پائي،
جب ڪر ٻالڏءِ هاٿ سنت ٻن ڪوڻ ڇڙائي.

پڙي ڪهين ڀڳوان ناٿ ڪو مار گرايا،
اري هان ري ٽلسي رام ڪرشن اوتار دسون نهين ٻچي پايا. ١٩
برهما ٻسڏو مهيس سيس سب ٻالڏي ٽاني،
نارد سڪديو بياس ڦانس ڪر ڌاري ڪاٽي.
هنومان اوڙ جنڪ ڀيشن ٻچي نه پائي،
اري هان ري ٽلسي رشي مني ڪو گنه ڪال در سب ڪو کائي. ٢٠
سنت سرن جو پڙي ٽانهه ڪا لڳا ٽڪاٽا،
اوڙ ڪهون ناٿ ڪسل سڪل ڀڙامت چباٽا.
ڪال سنت سي ڏره سيس چرن پر ڌارا،
اري هان ري ٽلسي ٻنا سنت نهين ٽوڙ اوڙ ڪهون ناهين آڌارا. ٢١
(شبداولي ڀاڳو ١، ارڌل ١٨-٢١ صفحو ٣٢)

سب جڳ جاٽا ري جاٽا اري ڪوه ڪوچ خبر نهين لاٽا.
اِت سي ڳئي خبر نهين لاهي اُت سي ڪوئي نه آٽا،
مارڳ چلي جات سب دنيا ڀيد ڪوئي نهين پاٽا. ١
اَنڌا ڌنڌ ڌرم کي مارڳ، سب جڳ غوطي کاٽا،
پنڊت ڀيش ڏيک سب جڳتي مڪتي نه پامت ٻتاٽا. ٢
تپ اوڙ اَسپ ڪرم ڪرني سي ٽرٽن پر نهين آٽا،
چوڻي ٻدن ٻسس ٽس ڪايا مايا ڪان سماٽا. ٣
ڪر ڪوڪر سوڪر جوني پر هردم ڪال چباٽا،
ڀور چڪر پر جڳ آوي پاوا ڀيڪ نه ساٽنا. ٤
مات پتا ٻنڌو سُت ڪارن پارن بوج اُٺاٽا،
جم گهت روڪ پران لي جاوي جب ڪوئي سنگ نه ساٿا. ٥
بياڪل ٻدن ڪري جم جملي ماري ڌر ڌر لاٽا،
جب هوسيار هوس نهين لاهي اَب ڪاهي پڇتاٽا. ٦
